Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني سنڌيار ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :11 | اڱارو 29 آگسٽ 2023 ع بمطابق 11 صفر 1445هه | شمارو: 310 | قيمت 10 روپيا

پي ٽي آءِ چيئرمين جي سزا معطل ٿيندي يا نه؟ فيصلو اڄ ٻڌايو ويندو

عمران خان طرفان توشه خانه ڪيس ۾ ٽرائل ڪورٽ جي سزا خلاف درخواست تي ٻڌڻي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس طارق جهانگيري تي ٻڌل 2 رڪني بينچ ڪئي

ڪيس جي ٻڌڻي شروع ٿي ته بئريسٽر علي ظفر تحريڪ انصاف چيئرمين سان ملاقات جي اجازت ڏيڻ جي اپيل ڪئي، جنهن تي چيف جسٽس چيو اميد آهي ته اڄ درخواست تي فيصلو ٿي ويندو

اليڪشن ڪميشن جي وڪيل امجد پرويز ايڊووڪيٽ سزا معطلي جي مخالفت ڪندي مختلف قانون ۽ عدالتي فيصلن جا حوالا پيش ڪيا

اليڪشن ڪميشن جي وڪيل جي دليلن ۾ مداخلت نٿو ڪرڻ چاهيان : تحريڪ انصاف چيئرمين جو وڪيل لطيف کوسا

تحريڪ انصاف چيئرمين وڪيل لطيف کوسا نواز شريف جي سزا معطلي جو حڪم بحال رکڻ جي سپريم ڪورٽ جي فيصلي جو حوالو ڏنو

عدالت دليل ٻڌڻ کانپوءِ عمران خان جي سزا معطلي جي درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو. فيصلو اڄ ٻڌايو ويندو

اسلام آباد (م ر ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ تحريڪ انصاف چيئرمين جي سزا معطلي جي درخواست تي ڌرين جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ فيصلو محفوظ ڪري ورتو جيڪو سڀاڻي 11 وڳي ٻڌايو ويندو. عمران خان طرفان توشه خانه ڪيس ۾ ٽرائل ڪورٽ جي سزا خلاف درخواست تي ٻڌڻي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جيچيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس طارق جهانگيري تي ٻڌل 2 رڪني بينچ ڪئي. ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

انوارالحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ اسپيشل انويسٽمينٽ فسيليٽيشن ڪائونسل جي ايپيڪس ڪميٽي جو اجلاس ٿيو

سرمائيڪارن کي سازگار ماحول ۽ سهولتون ڏيڻ حڪومت جي ذميواري آهي: نگران وزيراعظم

ملڪ ۾ ٻاهرين سرمائيڪاري سان معاشي حالتن کي بهتر بنائي سگهجي ٿو. ٻهريون پيرو آهي ته ملڪي معيشت جي لاءِ هڪ ويزن نظر اچي رهيو آهي

نگران وزيراعظم جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ نگران وفاقي وزير، آرمي چيف جنرل عاصم منير ۽ عسڪري اختيارين به شرڪت ڪئي

نگران وزيراعظم ۽ ڪابينه کي ڪونسل بابت اجلاس ۾ بريفنگ ڏني وئي، فوڊ سيڪيورٽي جي وزارت، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ معدنيات جي سرمائيڪاري بابت معاملن تي اجلاس ۾ بريفنگ ڏني وئي

اجلاس دوران نگران وزير، ۽ عسڪري اختيارين طرفان سرمائيڪاري جي شعبن تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ اسپيشل انويسٽمينٽ فسيليٽيشن ڪائونسل جي ڪارڪردگي تي اطمينان جو اظهار ڪيو

اسلام آباد (م ر ڊ) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ چيو آهي ته سرمائيڪارن لاءِ سازگار ماحول ۽ سهولتون ڏيڻ حڪومت جي ذميواري آهي. نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ اسپيشل انويسٽمينٽ فسيليٽيشن ڪائونسل جي ايپيڪس ڪميٽي جو اجلاس ٿيو اجلاس ۾ نگران وفاقي وزير، آرمي چيف جنرل عاصم منير ۽ عسڪري اختيارين به شرڪت ڪئي. نگران وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

صحت بابت عالمي اداري پاڪستان ۽ افغانستان ۾ پوليو جي وڌندڙ ڪيسز تي ڳڻتي جو اظهار ڪري ڇڏيو

پاڪستان ۾ هن وقت به ٻارن جو وڏو انگ پوليو جا ڦڙا پيئڻ کان محروم آهي: پوليو ايمرجنسي ڪميٽي

سياسي عدم استحڪام، امن امان جي صورتحال پوليو جي خاتمي ۾ رنڊڪ بڻيل آهي

اسلام آباد (م ر ڊ) صحت بابت عالمي اداري (ڊبليو ايڇ او) جي پوليو ايمرجنسي ڪميٽي پاڪستان ۽ افغانستان ۾ پوليو جي وڌندڙ ڪيسز تي ڳڻتي جو اظهار ڪري ڇڏيو آهي صحت بابت عالمي اداري جي پوليو ايمرجنسي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ايم ڪيو ايم وفد جي چيف اليڪشن ڪمشنر سان ملاقات: ڪراچي جون قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جون سيٽون وڌائڻ جو مطالبو

ايم ڪيو ايم پاڪستان جي وفد چونڊن جي معاملي تي چيف اليڪشن ڪمشنر سان ملاقات ڪئي

ايم ڪيو ايم پاڪستان چيو آهي ته ڪراچي جي ماڻهن کي انهن جو آئيني ۽ قانوني حق ڏنو وڃي : ذريعا

ڪراچي ۾ قومي اسيمبلي جون 2، صوبائي اسيمبلي جون 4 کان 6 سيٽون وڌايون وڃن

ڪراچي (رپورٽر) چيف اليڪشن ڪمشنر سان ايم ڪيو ايم وفد ملاقات ڪئي آهي. ايم ڪيو ايم جي وفد ڪراچي ۾ قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي سيٽن ۾ واڌ جو مطالبو ڪري ڇڏيو ايم ڪيو ايم پاڪستان جي وفد چونڊن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

چنڊريان 3 جي ڪاميابي کان پوءِ
پارٽي نجومين چنڊ کي هندو سلطنت
قرار ڏيڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

نئين دهلي (م ر ڊ) آل انڊيا هندو مهاسڀا جي قومي صدر سوامي چڪراپاني مهاراج پارٽي وزيراعظم نريندر مودي کان مطالبو ڪيو آهي ته هو چنڊ کي هندستان جو صوبو قرار ڏئي پنهنجي سلطنت جو اعلان ڪري. سوامي چڪراپاني مهاراج جي هڪ وڊيو سوشل ميڊيا تي گردش ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: ايم ڪيو ايم وفد چيف اليڪشن ڪمشنر سان ملاقات بعد پريس ڪانفرنس ڪندي

اسلام آباد: شاهه محمود قريشي کي سائفر ڪيس ۾ آفيشل سيڪرٽ ايڪٽ عدالت ۾ آندو پيو وڃي

صورتحال ڳڻتيءَ جوڳي آهي: امتياز شيخ بجلي اڳهن ۾ لاٽ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

نگران حڪومت فوري طور تي بجلي جي اڳهن ۾ 15 کان 20 رپيا لاٽ ڪري : امتياز شيخ

بجلي اڳهن ۾ تمام گهڻي واڌ تي عوامي احتجاج ڳڻتي جوڳو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اڳوڻي توانائي واري وزير امتياز شيخ بجلي بلن ۾ واڌ تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته عوام بجلي جا مهانگا بل ڀرڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

رٽائرڊ ۽ حاضر سروس سرڪاري ملازمن کي پگهارون ادا ڪيون وڃن: يونس ڍاڳا

خدمتن ۾ بهتري جي لاءِ ضلعي خزاني جي آفيسن ۾ موبائل ايپ شروع ڪئي وڃي

ناقص ڪمڪندڙ عملي کي فوري طور تي هٽائي انهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ناڻي، روينيو ۽ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽاري نگران صوبائي وزير محمد يونس ڍاڳا ناڻي کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير محمد سمي سعيد جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

سائفر ڪيس: شاهه محمود قريشي جي جسماني ريمانڊ ۾ 2 ڏينهن جي واڌ

شاهه محمود قريشي کي 3 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ مڪمل ٿيڻ تي سائفر ڪيس ۾ آفيشل سيڪرٽ ايڪٽ عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

ان ڪيمره ٻڌڻي کان پوءِ عدالت شاهه محمود قريشي کي وڌيڪ 2 ڏينهن جي لاءِ جسماني ريمانڊ تي ايف آءِ اي جي حوالي ڪري ڇڏيو

نيب طرفان اسپيشل پراسيڪيوٽر ذوالفقار نقوي عدالت ۾ پيش ٿيو جڏهن ته شاهه محمود جي طرفان بابر اعوان ۽ شعيب شاهين پيش ٿيا

اسلام آباد (م ر ڊ) آفيشل سيڪرٽ ايڪٽ عدالت سائفر ڪيس ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شاهه محمود قريشي جي جسماني ريمانڊ ۾ 2 ڏينهن جي واڌ ڪري ڇڏي آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ شاهه محمود قريشي کي 3 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ مڪمل ٿيڻ تي سائفر ڪيس ۾ آفيشل سيڪرٽ ايڪٽ عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. ان ڪيمره ٻڌڻي کان پوءِ عدالت شاهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

بغاوت جو ڪيس: ايمان مزاري ضمانت تي آزاد ٿيڻ کان پوءِ اڊيالا جيل ٻاهران ٻيهر گرفتار

ايمان مزاري جي اڊيالا جيل مان آزاد ٿيڻ وقت اسلام آباد پوليس جيل جي ٻاهران موجود هئي جنهن پوليس ڪيس ۾ ٻيهر گرفتار ڪري ورتو

اسلام آباد پوليس طرفان فوري طور تي ايمان مزاري جي گرفتاري جو ڪوبه سبب نه ٻڌايو ويو

ايمان مزاري کي باره کهو ٿاڻي ۾ داخل ڪيل ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي : ذريعا

راولپنڊي (م ر ڊ) پي ٽي آءِ جي اڳوڻي اڳواڻ شيرين مزاري جي ڌيءَ ايمان مزاري کي هڪ دفعو ٻيهر گرفتار ڪيو ويو آهي. اسلام آباد جي عدالت بغاوت ۽ ڇڙ ڏيارڻ جي ڪيس ۾ اڄ ايمان مزاري جي ضمانت منظور ڪئي هئي جنهن کان پوءِ ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ايمان مزاري ضمانت تي آزاد ٿيڻ کان پوءِ اڊيالا جيل ٻاهران ٻيهر گرفتار ڪيو ويو آهي

عمران خان کي جيل ۾ ڏنل سهولتن بابت سرڪاري رپورٽ سپريم ڪورٽ ۾ جمع

اٽارني جنرل چيف جسٽس آف پاڪستان عمر عطا بنديال جي چيمبر ۾ مهر لڳل رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي

مظاهر ۽ جسٽس منصورخيل جي چيمبرز ۾ به پي ٽي آءِ چيئرمين کي جيل ۾ ڏنل سهوليتن بابت رپورٽ جمع ڪرائي وئي :ذريعا

اسلام آباد (م ر ڊ) اٽارني جنرل پي ٽي آءِ چيئرمين کي جيل ۾ ڏنل سهوليتن بابت رپورٽ عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. اٽارني جنرل پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان کي جيل ۾ ڏنل سهوليتن بابت رپورٽ سپريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

نواز شريف ئي عوام کي بجلي جي بلن ۾ واڌ کان بچائيندو: مريم نواز

مون کي ڏک آهي ته عوام بجلي بلن ۾ واڌ جهڙين ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيو آهي

ن ليگ گذريل 16 مهينن ۾ پاڪستان کي ڏيوالي کان بچايو. هاڻ عوام کي مهانگائي کان به اسان ئي بچائينداسين

هڪ ڀيرو ٻيهر عوام کي مهانگائي ۽ بجلي جي بلن ۾ واڌ کان بچائيندو. نواز شريف ئي پاڪستان جي ترقي جي ضمانت آهي

لاهور (م ر ڊ) ن ليگ نائب صدر مريم نواز چيو آهي مون کي ڏک آهي ته عوام بجلي بلن ۾ واڌ جهڙين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: صدر ڊاڪٽر عارف علوي ملڪ جي ٻئنڪي مسئلن تي ڳالهائي جي صدارت ڪري رهيو آهي

سنڌ حڪومت ٻهرين سيپٽمبر
تي عام موڪل جو اعلان ڪري
ڇڏيو، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ٻهرين سيپٽمبر تي صوبي ۾ عام موڪل جو اعلان ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد سميت مختلف علائقن ۾ زلزلو

باجوڙ، اپر دير، چترال، مردان ۽ مالا ڪنڊ ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا

زلزلي جي شدت 5.2 ۽ اونهائي 82 ميٽرز رڪارڊ ڪئي وئي

اسلام آباد (م ر ڊ) اسلام آباد سميت ملڪ جي مختلف علائقن ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا آهنسوات ۽ لوئر دير سميت خيبر پختونخواهه جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پرويز خٽڪ، عمران خان کي فرعون قرار ڏئي ڇڏيو

اسان جي مرڪز ۽ صوبي ۾ حڪومت رهي پر افسوس اسان نئون پاڪستان نه ناهي سگهياسين : پرويز خٽڪ

تحريڪ انصاف چيئرمين ملڪ جو تاحيات حڪمران ۽ بادشاهه بڻجڻ چاهيو

پي ٽي آءِ پارليامينٽيرين چيئرمين پرويز خٽڪ

مانسهرا (م ر ڊ) پي ٽي آءِ پارليامينٽيرين جي چيئرمين پرويز خٽڪ تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان کي فرعون قرار ڏئي ڇڏيو. مانسهرا ۾ جلسي سان خطاب ڪندي اڳوڻي وڏي وزير پرويز خٽڪ چيو ته اسان جي مرڪز ۽ صوبي ۾ حڪومت رهي پر افسوس اسان نئون پاڪستان نه ناهي سگهياسين. تحريڪ انصاف ساڍا 3 سال ملڪ لاءِ ڪجهه نه ڪيو هن چيو ته تحريڪ انصاف چيئرمين ملڪ جو تاحيات حڪمران ۽ بادشاهه بڻجڻ چاهيو. سنڌس ڪر ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سرڪاري بجلي ڪمپني جي آفيسرن کي ساليانو 13 ارب روپين جي بجلي مفت ملندي آهي: پاور ڊويزن ذريعا

صرف گريڊ هڪ کان 4 گريڊ جي ملازمن کي 100 يونٽ بجلي مفت ڏني ويندي آهي

هڪ کان 4 گريڊ جي ملازمن کي ريٽائرمينٽ کان پوءِ به ماهوار 50 يونٽ فري بجلي ڏني ويندي آهي

لاهور (م ر ڊ) پاور ڊويزن ذريعن انڪشاف ڪيو آهي ته سرڪاري بجلي ڪمپني جي آفيسرن کي ساليانو 13 ارب روپين جي مفت بجلي ملندي آهي. گريڊ هڪ کان 4 تائين جي ملازمن کي ماهوار 100 يونٽ فري ملندا آهن نجي تي وي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

عدالت مڪيش ڪمار چاولا کي گرفتار نه ڪرڻ جو حڪم: نيب کان تفصيل طلب

مڪيش ڪمار جي درخواست تي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي ٿي. عدالت نيب کي مڪيش ڪمار کي گرفتار ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو

عدالت اڳوڻي صوبائي وزير مڪيش ڪمار جي 12 سيپٽمبر تائين حفاظتي ضمانت منظور ڪري ورتي

عدالت مڪيش ڪمار چاولا کي نيب جي انڪوائري ۾ مڪمل سهڪار ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اڳوڻي وزير مڪيش ڪمار چاولا نيب هٿان گرفتاري کان بچڻ لاءِ عدالت سان رابطو ڪري ورتو آهيمڪيش ڪمار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اڳوڻو صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا

آمريڪي ڊالر کي بريڪ نه لڳي، انٽر بئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ مهانگو

انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 99 پئسا واڌ سان 301 روپين 99 پئسن تي بند ٿيو

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جو اگهه هڪ روپيو وڌڻ سان 315 رپيا ٿي ويو

ڪراچي (م ر ڊ) انٽر بئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جو اگهه وڌڻ جو سلسلو ڪاروباري هفتي جي پهرئين ڏينهن برقرار رهيو انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 99 پئسا واڌ سان 301 روپين 99 پئسن تي بند ٿيو. ان کان اڳ جي سيشن ۾ ڊالر 301 روپين تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

صحت واري نگران صوبائي ڊاڪٽر سعد خالد جي سي اي او واٽر بورڊ سان ملاقات

ملاقات دوران واٽر ڪارپوريشن ۽ صحت جي ٻين مسئلن بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ

واٽر ڪارپوريشن نيگليريا جي روڪٿام لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهي آهي: سيد صلاح الدين احمد

ڪراچي (رپورٽر) صحت واري نگران صوبائي وزير ڊاڪٽر سعد خالد سي اي او ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد سان سي اي او سيڪريٽرينٽڪارساز ۾ ملاقات ڪري واٽرڪارپوريشن ۽ صحت جي ٻين مسئلن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ٻارڙي فاطمه ڪيس: اسد شاهه جي ڊرائيور سميت وڌيڪ 12 جوابدار گرفتار

اسد شاهه جي ڊرائيور اعجاز خاصخيلي کي ڪراچي مان ۽ 11 ڄڻن کي راڻيپور جي حويلي مان گرفتار ڪيو ويو

ڊرائيور اعجاز خاصخيلي تي مک جوابدار حنا شاهه کي فرار ڪرائڻ جا الزام آهن : ايس ايس پي روحل کوسو

پوليس ٻيهر ڪارروائي ڪندي وڌيڪ 6 شڪي جوابدارن کي به حراست ۾ ورتو. گرفتار ڪيل 11 ئي ڄڻن جا ڊي اين اي سيمپل ورتا ويا

رانيپور (رپورٽر) رانيپور جي حويلي ۾ تشدد ڪري ماريل ٻارڙي فاطمه جي قتل ڪيس ۾ اسد شاهه جي ڊرائيور سميت وڌيڪ 12 جوابدار گرفتار ڪيا ويا آهناسد شاهه جي ڊرائيور اعجاز خاصخيلي کي ڪراچي مان ۽ 11 ڄڻن کي رانيپور جي حويلي مان گرفتار ڪيو ويوايس ايس پي خيرپور روحل کوسو جو چوڻ آهي ته ڊرائيور اعجاز خاصخيلي تي مک جوابدار حنا شاهه کي فرار ڪرائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اطلاعات واري اڳوڻي وزير شرجيل
انعام ميمڻ سان راول هائوس راهوڪي
۾ تڪ جي عوام ملاقاتون

ٽنڊوڄام (رپورٽر) اطلاعات واري اڳوڻي وزير شرجيل انعام ميمڻ سان راول هائوس راهوڪي ۾ تڪ جي عوام ملاقاتون ڪيون. اڳوڻي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سان ملاقات دوران سنڌس تڪ جي عوام مختلف ترقياتي اسڪيمون شروع ۽ مڪمل ڪرڻ تي سنڌس ٿورا مڃيا. ان موقعي تي علائقي جي رهواسين اڳوڻي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

ٽنڊوڄام: اطلاعات واري اڳوڻي وزير شرجيل انعام ميمڻ سان راول هائوس راهوڪي ۾ تڪ جي عوام ملاقاتون ڪيون

ڪي پي ڪي ۾ مڪاني چونڊون: آزاد اميدوارن سرسي حاصل ڪري ورتي، پي ٽي آءِ جو ٻيون نمبر

21 ضلعن ۾ 65 وليج ۽ نيبرهڊ ڪائونسلن جي ڪيترين ئي خالي سيٽن تي ٿيندڙ مڪاني چونڊن ۾ سمورين 72 سيٽن جا غير حتمي نتيجا سامهون اچي ويا

خيبرپختونخواهه ۾ 72 سيٽن تي ٿيندڙ مڪاني چونڊن ۾ آزاد اميدوارن جي وڏي انگ ڪاميابي حاصل ڪري ورتي :غير حتمي غير سرڪاري نتيجا

پشاور (م ر ڊ) خيبرپختونخواهه جي 21 ضلعن ۾ 65 وليج ۽ نيبرهڊ ڪائونسلن جي ڪيترين ئي خالي سيٽن تي ٿيندڙ مڪاني چونڊن ۾ سمورين 72 سيٽن جا غير حتمي نتيجا سامهون اچي ويا آهن آڄرتي ڪي پي ڪي جي ضلعي پشاور، نوشهره، چارسده، خيبر، مردان، ڪوهاٽ، بنون، لڪي مروت، ڊي آءِ خان، ٽانڪ، ايبٽ آباد، هري پور، مانسهره، بٽ گرام، تورغر، سوات، شانگلا، مالاڪنڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

فاطمه ڪيس: حويلي مان وڌيڪ 5 ڄڻا گرفتار

شوڪت علي عباسي، واجد علي گهانگهرو، اڪرم لاشاري، سڄڻ جوکيو ۽ مهر الدين وڌير کي حراست ۾ ورتو ويو

گرفتار ڪيل مک جوابدار اسد شاهه سميت 16 ڄڻن جا ڊي اين اي سيمپل وٺي چڪا آهن : پوليس

راڻيپور (رپورٽر) اراڻيپور جي حويلي ۾ معصوم ٻارڙي فاطمه کي تشدد ڪري مارڻ واري ڪيس ۾ پوليس حويلي مان وڌيڪ 5 ڄڻن کي حراست ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪي اليڪٽرڪ سي اي او جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪرڻ جي تنبيهه

جيڪڏهن هو ايندڙ اجلاس ۾ نه آيو ته گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويندا : سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي

ائين نه ڪيو، اسان وٽ اختيار آهن ۽ اسان وارنٽ پاڻ آٽي سگهون ٿا

اسلام آباد (م ر ڊ) سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي اجلاس ۾ غير حاضري تي ڪي اليڪٽرڪ سي اي او تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

جان محمد قتل ڪيس، اسپتال جي غفلت جو انڪشاف، جاچ ڪميٽي قائم

صحت کاتي پاران اسپتال ۾ لاپرواهي تي 3 رڪني انڪوائري ڪميٽي جوڙي وئي

ڊاڪٽر شهاب الدين جي سربراهي ۾ ڪميٽي اڄ جاچ شروع ڪندي

سکر (رپورٽر) سکر ۾ سينيئر صحافي جان محمد مهر جي قتل کانپوءِ اسپتال ۾ غفلت جو انڪشاف ٿيو آهي. جنهن تي صحت کاتي انڪوائري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪراچي: توهين پارليامينٽ نامنظور: اي او بي ملازمن جو جوائننگ لاءِ احتجاج جاري آهي

چونڊن ۾ دير جا سنگين نتيجا سامهون ايندا، يورپي ملڪن پاڪستان کي آگاهه ڪري ڇڏيو

آمريڪا ۽ يورپي يونين پاڪستان ۾ چونڊن جي حوالي سان اڳڀرائي تي گهري نظر رکي آهي : سفارتي ذريعا

تڪ بندين ۽ ڪجهه ٽيڪنڪي معاملن سبب ڪجهه مهينن جي دير برداشت ڪري سگهجي ٿي

جيڪڏهن چونڊون فيبروري کان به دير جو شڪار ٿيون ته ان جا سنگين نتيجا سامهون اچي سگهن ٿا

اسلام آباد (م ر ڊ) اهم يورپي ملڪن پاڪستان کي آگاهه ڪيو آهي ته چونڊن ۾ دير جا سنگين نتيجا سامهون ايندا جنهن ۾ امڪاني طور تي لاڳاپن ۾ گهٽتائي به شامل آهي سفارتي ذريعن جو چيو آهي ته آمريڪا ۽ يورپي يونين پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

جڙانوالا سانحي جي سازش جا پيرا دشمن ملڪ جي انٽيليجنس ايجنسي ڏانهن وڃن ٿا : آءِ جي پنجاب

سازش تحت مسلمانن کي مسيحي ڀائرن سان وڙهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي : ڊاڪٽر عثمان انور

جڙانوالا سانحي ۾ ملوث 3 مک جوابدارن سميت 180 ڄڻا گرفتار ڪيا ويا آهن. قرآن پاڪ جي توهين ڪرائيندڙن جو نيٽ ورڪ ٽوڙيو ويو آهي

قرآن پاڪ جي توهين ڪندڙ ڀائرن سميت 5 جوابدارن کي 24 ڪلاڪن اندر گرفتار ڪيو ويو هو

لاهور: آءِ جي پنجاب ڊاڪٽر عثمان انور پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

لاهور (م ر ڊ) آءِ جي پنجاب ڊاڪٽر عثمان انور چيو آهي ته جڙانوالا سانحي جي سازش جا پيرا دشمن ملڪ جي انٽيليجنس ايجنسي ڏانهن وڃن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڀارت پهريون ڀيرو پاڪستان
۾ عورت ڊپٽي هاءِ ڪمشنر
مقرر ڪري ڇڏي

نئين دهلي (م ر ڊ) ڀارت طرفان پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو عورت ڊپٽي هاءِ ڪمشنر کي مقرر ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

نارووال ۾ رشتي جي تڪرار تان فائرنگ، پيءُ پٽ ۽ ڌيءَ قتل

واقعو نارووال جي علائقي صديق پوره ۾ پيش آيو جنهن ۾ رشتي جي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو

فائرنگ سبب هڪ ئي خاندان جا 3 ڄڻا مارجي ويا جن ۾ پيءُ، پٽ ۽ ڌيءَ شامل آهن : پوليس

مقتولن جي لاشن کي ضابطي جي ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

اناروول (م ر ڊ) نارووال ۾ رشتي جي تڪرار تان هڪ ئي خاندان جي 3 ڄڻن کي قتل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب واقعو نارووال جي علائقي صديق پوره ۾ پيش آيو جنهن ۾ رشتي جي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ هڪ ئي خاندان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

توهين پارليامينٽ نامنظور: اي او بي ملازمن جو جوائننگ لاءِ احتجاج جاري

چيئرپرسن اي او بي آءِ ڌمڪي ڏئي رهي آهي ۽ چئي رهي آهي ته مان ڪنهن به رولنگ ۽ ڪنهن به پارليامينٽ کي نٿي مڃان: ملازمن جو الزام

چيئرپرسن اي او بي آءِ کي هٽايو وڃي، ٻي صورت ۾ اسان کي مجبور ٿي احتجاج جو دائرو وڌائڻو پوندو: چتاءُ

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ايمپلائيز اولڊ ايج بينيفٽ ملازم پارليماني ڪميٽي مان بحال ٿي ڪراچي جي علائقي شاهراهه فيصل نرسري پرسان آفيس ۾ جوائننگ آرڊر سان پهتا انتظاميا اندر اچڻ کان روڪي ڇڏيو ملازمن جوائننگ نه ڏيڻ خلاف/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

پرياسٽي ۾ انساني حقن ۽ قانون جي صوبائي وزير محمد عمر سومرو جي مان ۾ آجياڻو

سنڌ بار جي ميمبرن عبدالستار لهراڻي، عبدالرزاق مهر، ڊسٽرڪٽ بار جي صدر اياز مري ڀين شرڪت ڪئي

شهيد فاطمه ڦرڙو ۽ شهيد صحافي جان محمد مهر جي جوبدارن کي منتقي انجام تائين پهچايو ويندو : محمد عمر سومرو

سڀ ڪو اهو سمجهي ٿو ته اسان ٽن مهينن لاءِ نه آيا آهيون اهي ڇهه مهينا به ٿي سگهن ٿا پر مان پنج سال سمجهي ڪم ڪري رهيو آهيان

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) تعلقا بار پرياسٽي ۾ انساني حقن ۽ قانون جي صوبائي وزير محمد عمر سومرو جي مان ۾ تعلقي صدر نثار ناياب ملاح پاران آجياڻو ڏنو ويو جنهن ۾ سنڌ بار جي ميمبرن عبدالستار لهراڻي، عبدالرزاق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: نگران صوبائي وزير تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

نئون ديرو ۾ شهري جي رياض ميراڻي جي نياڻي غلام فاطمه فوت ٿي وئي

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٺو) نئون ديرو پرسان گورنمينٽ هاير سيڪنڊري اسڪول جي پرسان جي رهواسي رياض ميراڻي جي نياڻي غلام فاطمه فوت ٿي وئي آهي. فوت ٿي ويل نينگري فاطمه جي وارثن پاران سنڌس علاج ڪندڙ ڊاڪٽر مٿان غفلت جو الزام لڳايو آهي. ان ڏس ۾ فوت ٿي ويل نينگري جي چاچي نور ميراڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

دادو پرسان ڳوٺ لال بخش پنهور جي رهواسي پاران احتجاج

2010 واري مها ٻوڏ ۾ منهنجو گونگو اغوا ٿي ويو جيڪو اڃا بازياب ناهي ٿيو : خان محمد پنهور

پٽ جي صدمي ۾ سنڌس ماءُ روئي روئي گذاري وئي، نوٽيس وٺي پٽ کي بازياب ڪرايو وڃي

دادو(ن سنڌيار) دادو تعلقه جي ڳوٺ لال بخش پنهور جو رهواسي خان محمد پنهور دادو پريس ڪلب ٻهچي هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاج ڪندي ڏانهيو 2010 واري مها ٻوڏ ۾ منهنجو گونگو پٽ خادم پنهور کي نامعلوم ماڻهو اغوا ڪري ويا جيڪو اڃا تائين بازياب نه ٿي سگهيو آهي پٽ جي صدمي ۾ سنڌس ماءُ روئي روئي گذاري وئي هن نگران حڪومت، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

دادو جي استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ۾ وڻڪاري مهم جو افتتاح

ڪاليج ۾ وڻ هڻڻ واري ڪاوش تي پروفيسر پرنسيپال محمد عرفان ڪلهوڙو کي سلام ٿو پيش ڪيان : وسيم ڪوڪر

وقت جي ضرورت آهي ته سنڌ جي 30 ضلعن ۾ وڻڪاري مهم زور شروع ڪئي وڃي جيئن ماحولياتي آلودگي کان بچي سگهجي

ڪنهن ملڪ جي ڪل آراضي جو 35 سيڪڙو ٻيلا هجڻ ضروري آهي، برساتن جي پوڻ جو وڏو ذريعو زمين تي ساوڪ يا ٻيلا هجڻ آهي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو ۾ سرسبز سنڌ خوشحال پاڪستان وڻڪاري مهم جي حوالي سان ۽ سنڌ جي ماحولياتي آلودگي ۽ زير زمين مٺي پاڻي جي قلت کي محسوس ڪندي اڄ استادن، شاگردن ۽ سول سوسائٽيءَ جي نمائندن گڏجي ڪاليج ۾ وڻڪاري مهم جو افتتاح ڪيو، جنهن ۾ انبن جا وڻ ۽ ليمن جا وڻ رکيا ويا. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دادو :استاد بخاري ڪاليج ۾ وڻڪاري مهم جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

بدين جي ڊي اي او آفيس مان موٽر سائيڪل چوري ٿيڻ خلاف احتجاج، انصاف جي گهر

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڊي اي او آفيس مان موٽر سائيڪل چوري ٿيڻ خلاف ڪلارڪن ۽ ملازمن جو احتجاج بدامني ختم ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب بدين شهر جي الله والا چوڪ تي قائم ڊي اي او آفيس مان ڪلارڪ قادر بخش پٺي جي ڊيڊلڪ ماليت جي سي ڊي موٽر سائيڪل نامعلوم چور چوري ڪري ڪاهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺاروشاهه ۾ نجي ميڊيڪل سينٽر تي ڊاڪٽر جي غلط سبب معصوم ٻار مرڻينگ، احتجاج

پورهٽ کان 24 هزار روپيا زبردستي وٺي ڪيس ڳنڀير ٿيڻ جو ڳي حالت ۾ ٻارڙي کي اسپتال مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو

ڪوريج تي آيل صحافين سان اسپتال انتظاميه ۽ ڊاڪٽر جون ڌمڪيون، وارثن پاران ڊاڪٽر خلاف ڪارروائي جي گهر

ڊاڪٽر ۽ سنڌس انتظاميا خلاف ڪاروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو : وارث

ٺاروشاهه(رپورٽر) ٺاروشاهه ۾ نجي ميڊيڪل سينٽر تي ڊاڪٽر جي غلط سبب معصوم ٻار مرڻينگ، ڊاڪٽر پاران پورهٽ کان 24 هزار روپيا زبردستي وٺي ڪيس ڳنڀير ٿيڻ جو ڳي حالت ۾ ٻارڙي کي اسپتال مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو واقعي خلاف پورهيت جو احتجاج، ڪوريج تي آيل صحافين سان اسپتال انتظاميه ۽ ڊاڪٽر جون ڌمڪيون، وارثن پاران ڊاڪٽر خلاف ڪارروائي جي گهر ٺاروشاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بدين ۾ پنهور ۽ سيد برادرين جي ڳوٺاڻن پاران اين آر ايس پي جي خلاف احتجاجي مظاهرو

اسان جي يوسي ۾ گذريل 12 سالن کان اين آر ايس پي جي طرفان امدادي سرگرميون هلي رهيون آهن : مظاهرين

رڪشا ڀڪرين ۽ امدادي سامان لاءِ شناختي ڪارڊ وٺي فارمن تي صحيحون ورتيون ويون هنيون پر ڪا به امداد نه ڏني وئي آهي

احتجاج ڪرڻ تي بااثر ماڻهو ڳوٺاڻن کي مارڻ لاءِ سندن پيڇو ڪري ڌمڪائي امداد تان هٿ کڻڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ پنهور ۽ سيد برادرين جي ڳوٺاڻن پاران اين آر ايس پي جي خلاف احتجاجي مظاهرو انصاف جي گهر تفصيل موجب بدين پرسان رهندڙ سيد ۽ پنهور برادري جي ماڻهن ڪالهه پريس ڪلب جي اڳيان احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

بدين : ڳوٺاڻا پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪري رهيا آهن

چوهڙ جمالي ۾ راشن جي غلط ورهاست ڪرڻ ۽ من پسند ماڻهن کي ڏيڻ خلاف احتجاجي ريلي

چوهڙ جمالي(رپورٽر) چوهڙ جمالي شهر ۾ روينيو عملي پاران راشن جي غلط ورهاست ڪرڻ ۽ من پسند ماڻهن کي ڏيڻ خلاف پيپلز هاري ڪميٽي ۽ مستحق عورتن پاران ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو. روينيو عملي پاران حيات فائونڊيشن جي موڪليل امدادي راشن ۾ روينيو عملي پاران پنهنجا نوازي ۽ من پسند ماڻهن کي راشن ڏيڻ خلاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر ۾ بجلي جي بلن خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

سماجي فورم جي ڪارڪنن دوڪاندارن ۽ سماجي ورڪرن واڌو بجلي جي بلن خلاف احتجاج ڪيو

واپڊا جا آفيسر ۽ ملازم انتهائي رشوت خور ڪرپٽ ۽ بدعنوان آهن ڪير به پڇڻ وارو ناهي : مظاهرين

عام ماڻهو ۽ مزدور طبقو وڏي ويل مهانگائيءَ ۾ پيٽ پرڻ لاءِ پريشان آهي هو ڪٿان ڳرا بل ادا ڪندو

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سماجي فورم جي ڪارڪنن دوڪاندارن ۽ سماجي ورڪرن واڌو بجلي جي بلن خلاف شهر جي گهنٽا گهر چوڪ تي احتجاج ڪيو. ان احتجاج جي قيادت ڪندڙ ناماياري صحافي اديب مجيد نواز مغل واپاري اڳواڻ اشفاق راجپوت طارق مغل ۽ ٻين ڪئي. هنن ان موقعي تي خطاب ڪندي چيو ته سيپڪو (واپڊا) جو ادارو عوام دوست ادارو سڏائڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪوٽ غلام محمد ۾ استحڪام پاڪستان و فضائل علم و علماءَ ڪانفرنس منعقد

ڪانفرنس ۾ شهر جي علماءِ ڪرام، سياسي سماجي اڳواڻن، شهرين ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

شهر جي ڀلائي ۽ ٻوڏ توڙي ڪورونا جهيڙي ويا دران سماجي ڀلائي طور ڪم ڪندڙ شخصيتن کي ايوارڊ ڏنا ويا

چيئرمين ميان امجد سعيد شفيق احمد، پي ٽي آءِ اڳواڻ علي رضا عادل علي ساند اياز عرف راجو يونس خان ۽ ٻيا موجود هئا

ڪوٽ غلام محمد(رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد جي قائم خاني هال ۾ سيرت النبي ڪميٽي جي چيئرمين مفتي محمد آصف خاصخيلي المومن پاران استحڪام پاڪستان و فضائل علم و علماءِ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. جنهن ۾ شيخ الحديث مفتي حبيب الله ، مناظر اسلام مفتي انس راجپر ۽ ٻين خطاب ڪيو. جڏهن ته ڪانفرنس ۾ شهر جي علماءِ ڪرام، سياسي سماجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪوٽ غلام محمد : ڪانفرنس دوران شيلڊون ڏنيون پيون وڃن

نوشهروفيروز پرسان ڳوٺ سانول پٽو جي رهواسي پٽا برادري پاران بااثرن خلاف مظاهرو، نعريبازي

نوشهروفيروز(ڊ ر) نوشهروفيروز پرسان ڳوٺ سانول پٽو جي رهواسي پٽا برادري جي ماڻهن پاران بااثر وڏيرن ۽ پوليس جي ظلمن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ۽ نعري بازي ٻڌ ڪئي مظاهرين جن جي اڳواڻي مظهر پٽو اشرف علي، شاهنواز ۽ معروف پٽو ڪري رهيا هيا جن ميڊيا اڳيان دانهيندي چيو ته ڳوٺ جي وڏيرن اطهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڀيرلوءِ ۾ مختلف تنظيمن پاران سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

بدامني، قتل و غارت،مقتول جان محمد مهر، فاطمه ڦرڙو جي قاتلن جي عدم گرفتاري ۽ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو ويو

معصوم نياڻي فاطمه ڦرڙو کي زيادتي بعد قتل ڪيو ويو جنهن جي مرڪزي جوابدار حنا شاهه گرفتار نه ٿي سگهي آهي : مظاهرين

فوري طور تي صحافي جان محمد مهر ۽ فاطمه ڦرڙو جي اصل قاتلن گرفتار ڪيو وڃي ۽ پريا ڪماري کي بازياب ڪرايو وڃي

ڀيرلو(رپورٽر) مختلف تنظيمن پاران سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني، قتل و غارت،مقتول جان محمد مهر ،فاطمه ڦرڙو جي قاتلن جي عدم گرفتاري ۽ پريا ڪماري جي بازيابي ۽ ڪرائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڀيرلو قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻي ٻين جوابدارن جي گرفتاري ۽ ٻارڙن جي بازيابي لاءِ مطالبو ڪيو،ڌرڻي دوران قومي شاهراهه جي ٻنهي پاسن کان گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

بدين : رفتار ويگو جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر نينگر فوت، 2 زخمي

ٽنڊو شهر ٽر ڪول روڊ تي موٽر سائيڪل سوارن جي مٿان تيز رفتار ويگو چڙهي وئي

حادثي سبب موٽر سائيڪل سوار 12 ورهين جو حشر ٻاجوا موقعي تي فوت ٿي ويو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ٽنڊو ٽرڪول روڊ تي تيز رفتار ويگو جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر 12 سالا نينگر حشر ٻاجواه فوت ، به ڄڻا جنيد ٻاجواه ۽ پولا ٻاجواه سخت زخمي تفصيل موجب ٽنڊو شهر ٽر ڪول روڊ تي موٽر سائيڪل سوارن جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سکر ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ جي هفتيواري دستوري گڏجاڻي

سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ معاشرتي براين ۽ انساني ظلمن جو ڀرپور اظهار مليو ٿو : اڳواڻ

پيرن وڏيرن ۽ جاگيردارن هيلين ۽ پورهيت ماڻهن سان هر حڪومتي دور ۾ ويل وهايا آهن

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ)سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ معاشرتي براين ۽ انساني ظلمن جو ڀرپور اظهار مليو ٿو پيرن وڏيرن ۽ جاگيردارن هيلين ۽ پورهيت طبقي جي ماڻهن سان هر حڪومتي دور ۾ ويل وهايا آهن ۽ حڪومتي ڏرين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سکر : سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻي دوران اڳواڻ ڳالهائي رهيا آهن

ايس ايس پي نوشهروفيروز عوامي شڪايتن جو نوٽيس وٺي ڇڏيو

اسڪول جي ٽائيم تي ڪجهه اوٻاش نوجوان اسڪول جي نياڻين کي تنگ ڪن ٿا : شهري

پوليس اسڪول جي موڪل ٽائيم تي ڪجهه اوٻاش نوجوانن کي گرفتار ڪري ورتو

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) ايس ايس پي نوشهروفيروز (ر) ڪيپٽن صدام حسين خاصخيلي،ڊي ايس پي مورو يار محمد رند عوامي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

بدين ۾ يوريا ڀاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ برقرار

انتظاميا ناڪام، واپارين پاران سڀاڻي بدين ۾ تاريخي ڌرڻي جو اعلان

اسان جو احتجاج مطالبن جي مڃتا تائين جاري رهندو : واپاري

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ يوريا ڀاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ برقرار انتظاميا ناڪام واپارين پاران سڀاڻي بدين ۾ تاريخي ڌرڻي جو اعلان تفصيل موجب بدين جي آبادگارن جو هنگامي اجلاس ڪالهه بدين ۾ ضلع ڪائونسل بدين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

دادو جي يوسي الهه آباد جي نئين چونڊجي آيل باڊي جو پهريون اجلاس

يوسي جي مختلف مسئلن تي غور ويچار ڪرڻ بعد مجرمار اسپري ڪرائڻ جو بل پاس

يوسي جي ڳوٺن جي پڻ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون جاري رهنديون : اڳواڻ

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي يوسي الهه آباد جي نئين چونڊجي آيل باڊي جو پهريون اجلاس چيئرمين عبدالرحمان پنهور جي صدارت ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

دادو : گڏجاڻي دوران اڳواڻن جو ورتل گروپ فوٽو

نئون ديرو ريسٽ هائوس ۾ کلي ڪچهري منعقد

ڪامورن 100 کان وڌيڪ ماڻهن جون شڪايتون ٻڌيون

شهرين کي بجلي بلن جي درستگي ڪري ڏني وئي

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٺو) بجلي جي واڌو ڊڊڪشن بلن، اوور ريڊنگ سميت مختلف مسئلن جي ورچڙهيل عوام جي شڪايتن تي انهن کي رليف پهچائڻ لاءِ سي اي او سيپڪو سعيد احمد ڏاروج جي هدايتن تي نئون ديرو ريسٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

خانواهڻ : شهيد فاطمه ڦرڙو جي والدين کي ڌمڪيون ملڻ شروع

بااثر فون ڪري شهيد فاطمه ڦرڙو قتل ڪيس مان حنا شاهه جو نالو خارج ڪرائڻ جو چيو : وارث

ڌمڪيون ملي رهيون آهن، اسان بيوس ۽ لاچار آهيون اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) رانيپور جي پيراڻي حويلي، مان شهيد فاطمه ڦرڙو جي والدين کي ڌمڪيون ملڻ شروع ٿي ويون. ميڊيا سان ڳالهائيندي شهيد فاطمه ڦرڙو جي امڙ شبانا ڦرڙو رانيپور جي پيراڻي حويلي تي الزام مڙهيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

خانواهڻ :نينگري فاطمه ڦرڙو جي امڙ ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

ميروخان پرسان موٽر سائيڪل ڦرڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

نورالدين ابڙو کان ست پل پرسان مهينا موٽر سائيڪل ڦرڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا

تنيا ۽ ابڙا برادري وچ ۾ پئسن جي ڏيتي ليتي تان مسئلو آهي، انصاف ڏياريو وڃي : مظاهرين

ميروخان(رپورٽر) ميروخان پرسان سجاول جوڻيجو روڊ تان 2 ڏينهن اڳ مهينا موٽر سائيڪل ڦر ڪندڙ جوابدارن کي پوليس طرفان گرفتار نه ڪرڻ خلاف شهرين جو احتجاج، 2 ڏينهن اڳ ڳوٺ الله وڏايو ابڙو جي رهواسي نورالدين ابڙو کان ست /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نئون ڪوٽ ۾ گهر اڳيان بيٺل موٽرسائيڪل چوري

واپاري پرديپ لوهاڻا جي گهر اڳيان بيٺل موٽرسائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا

شهر ۾ بدامني ۽ اسٽريٽ ڪرائم عروج تي آهي، واهر ڪئي وڃي : متاثر

نئون ڪوٽ(رپورٽر) نئون ڪوٽ جي مشهور گيهي جي هول سيلر جي گهر اڳيان بيٺل CD70 موٽرسائيڪل چوري نامعلوم چابي چور گيهي جي هول سيلر واپاري پرديپ لوهاڻا جي گهر اڳيان بيٺل موٽرسائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا، جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سنڌ صوفين ۽ درويشن جي ڌرتي آهي نظير احمد پٽو

اسان کي اولياءُ الله جي ڏنل پيغام امن محبت ۽ پائيداري تي عمل ڪندي زندگي گذارڻ گهرجي

درگاهه جي زائرين جي سهولت، روڊ پاڻي سميت ٻيون سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪنداسين

مليرا(ڊ ر) ٽائون چيئرمين نظير احمد پٽو ساموندي ڪناري قائم قديمي درگاهه سيد حسن شاهه ء تي چادر چاڙهي 880 عرس مبارڪ جو افتتاح ڪيو، سماجي اڳواڻ سيد خدا ڏنو شاهه، سهيل جاموٽ ، اڳوڻو ايم پي اي راجا رزاق بلوچ ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ملير: ٽائون چيئرمين نظير احمد پٽو درگاهه تي چادر چاڙهي رهيو آهي

مانجهند تعلقه اسپتال ۾ ڊاڪٽرن دوائن جي کوٽ ۽ مهينا ڪرپشن خلاف اختيارين کي درخواستون ڏيڻ جو فيصلو

ايس يو پي اڳواڻن پاران وزيراعليٰ سنڌ، چيف سيڪريٽري سنڌ، سيڪريٽري هيلٿ، ڊي جي هيلٿ حيدرآباد کي درخواستون ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اسپتال ۾ ڊاڪٽرن اسپيشلسٽ ڊاڪٽرن ليڊي ڊاڪٽرن جي کوٽ آهي گائني وارڊ ايمرجنسي وارڊ اکين جي وارڊن ۾ ڪو به فرنيچر ۽ عملو مقرر ناهي : اڳواڻ

الٽرا سائونڊ ايڪسري ۽ ڪيميسٽري ٽيسٽن جي ڪا به سهولت ميسر ناهي، دوائون نقلي ڪمپنين کان خريد ڪري لکين روپيا ڪميشن ناهي وڃي ٿي

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي)مانجهند تعلقه اسپتال ۾ ڊاڪٽرن دوائن جي کوٽ ۽ مهينا ڪرپشن خلاف ايس يو پي ڪارڪنن پاران اعليٰ اختيارن کي درخواستون ڏيڻ جو فيصلو تفصيل موجب مانجهند تعلقه اسپتال ۾ ڊاڪٽرن دوائن سهولتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

مانجهند : گڏجاڻي دوران اڳواڻ ڳالهائي رهيا آهن

ٽري ميرواهه ۾ منشيات فروش جي ظلم خلاف نوجوان پريس ڪلب پهتو

ٽري ميرواهه(رپورٽر)منشيات فروش جي ظلم خلاف فيض گنج جو نوجوان پريس ڪلب ٽري ميرواهه پهتو احتجاج ڪندي نوجوان قادربخش رنڊ چيو آهي ته بااثر شخص محمود رنڊ ڳوٺ حاڪم رنڊ ۾ سرعام منشيات هلائي نوجوان نسل تباهه ڪري رهيو آهي جڏهن ته بااثر شخص قادربخش رنڊ خلاف ڪافي ڪيس به داخل ٿيل آهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

اسلام ڪوٽ ۾ تعلقي ايجوڪيشن جي گڏيل سهڪار سان تعليمي جاڳرتا جي ريلي

اسان راجوڙو يوسي جي گورنمينٽ جي پرائمري اسڪولن ۾ تعليم تي ڪم ڪري رهيا آهيون : اڳواڻ

ايس آءِ ايف پنهنجي وس آهر تعليم جي بهتري لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهي آهي

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير) پڙهندي سنڌ ته وڌندي سنڌ چاچرو تعلقي جي مختلف ڳوٺن ڳوٺ حيات هاليپوٽو، پڳيسل، نهارو ڀيل ۽ راجوڙو جي اسڪولن ۾ ايس آءِ ايف ۽ تعلقي ايجوڪيشن جي گڏيل سهڪار سان تعليمي جاڳرتا جي ريلي ڪڍي وئي تعليمي سال 2023_2024 جي نئين داخلاجي مهم بابت پوري ڳوٺ ۾ وڏي جوش ۽ جذبي سان ريلي ڪڍي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪراچي جي مواچ ڳوٺ ۾ تعليم دشمنن اسڪول تي قبضو ڪري قديمي بلڊنگ ڪيرائي ڇڏي

قديمي اسڪول تي قبضا مافيا ٽولي جو قبضو اسڪول جي بلڊنگ ڊاهي پٽ ڪري ڇڏي، ٻارن جي تعليم تباهه

تعليم دشمنن اسڪول تي قبضو ڪري معصوم ٻارڙن کي تعليم جي زيور کان محروم ڪيو آهي : سڄاڻ ڌريون

قبضا مافيا اسڪول جي بلڊنگ ڊاهي پٽ ڪري ڇڏي آهي جنهن تي ڊي او ڪياماڙي ڪو به ٻڌو نه پيو ٻاري

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي جي علائقي بلديا ٽائون مواچ ڳوٺ ۾ تعليم دشمنن اسڪول تي قبضو ڪري قديمي بلڊنگ ڪيرائي ڇڏي ڪيترائي معصوم ٻارڙا تعليم جي زيور کان محروم ٿي ويا جماعت اسلامي جي واقعي خلاف مذمت تفصيل موجب ڪراچي ضلعي ڪياماڙي جي علائقي بلديا ٽائون مواچ ڳوٺ ۾ درگاهه قاسم علي شاهه پرسان قائم قديمي اسڪول تي قبضا مافيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڪراچي :اسڪول تي قبضي خلاف رهواسي ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

سکر ۾ ڳوٺائي پاران پاءُ جي ڌاڌاين خلاف احتجاج، انصاف جي گهر

سکر(بيورو رپورٽ) پاءُ جي ڌاڌاين خلاف سکر جي گوليمار واري علائقي ڳوٺ ڪريم بخش شيخ جي رهواسي غلام حيدر شيخ ولد مرحوم سرور شيخ ايس ايس پي آفيس سکر ۾ درخواست داخل ڪرائڻ بعد احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي ته سنڌس وڏو پاءُ محمد امين شيخ بلاجواز گهر ۾ داخل ٿي مهنجي گهرواري ۽ ٻارن کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڏڙو پرسان مهينا گم ٿيل 16 سالن جي ڀيرو نوجوان جو چچريل لاش ساريال جي فصل مان هٿ

5 ڏينهن اڳ مهينا طور گم ٿيل 16 سالن جي ڀيرو نوجوان اصغر پٽ مصري منگسي جو لاش پراسرار طور ڳوٺ جي ساريال واري فصل مان مليو

نوجوان جي گمشدگي جي رپورٽ سنڌس والد مصري مگسي جي فرياد تي ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي هئي، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام

نوجوان جي پوسٽ مارٽم بعد ڪجهه ٻڌائي سگهجي ٿو ته نوجوان جو موت ڪيئن ٿيو آهي : ايس ايڇ او قربان عباسي

ڏڙو (رپورٽ/ شوڪت ميمڻ) ڏڙو پرسان لاڪيپور جي ڳوٺ صالح محمد مگسي ۾ افسوسناڪ واقعو..!! 5 ڏينهن اڳ مهينا گم ٿيل 16 سالن جي ڀيرو نوجوان جو چچريل لاش ساريال جي فصل مان هٿ. لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام. تفصيل موجب ڏڙو لڳ لاڪيپور جي ڳوٺ صالح محمد مگسي مان 5 ڏينهن اڳ مهينا طور گم ٿيل 16 سالن جي ڀيرو نوجوان اصغر پٽ مصري منگسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

اينڊڙ چونڊن ۾ پ پ حڪومت ٺاهيندي : ڊاڪٽر شازيه صوبيه اسلم سومرو

پاڪستان پيپلزپارٽي وٽ عوام جي مسئلن ۽ انهن جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪافي مهارت موجود آهي

پاڪستان جي معيشت جي هاڻوڪي بگڙيل صورتحال کي سنڀالڻ تمام ڏکيو آهي

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان جي ٻڏندڙ معيشت جي کي بهتري طرف کڻي ويندو

سکر(بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳوڻي ايم اين اي ڊاڪٽر شازيه صوبيه اسلم سومرو، ڊاڪٽر عابده آفتاب سومرو، ايڊووڪيٽ ياسمين چاچڙ، سيدا زهرا شاهه، محترم شاهجهان شيخ ۽ ٻين پاڪستان پيپلزپارٽي ليڊيز ونگ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سکر : گڏجاڻي دوران اڳواڻ عورتن جو ورتل گروپ فوٽو

ٽري ميرواهه ۾ پ پ پاران مدر ونگ ۾ لغاري برادري کي عهدا ملڻ تي گڏجاڻي

ٽري ميرواهه(رپورٽر) تعلقي ٽري ميرواهه ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي پاران مدر ونگ ۾ لغاري برادري کي عهدا ملڻ تي لغاري برادري پاران گڏجاڻي ڪري مٺائي تقسيم ڪئي وئي. پاڪستان پيپلزپارٽي پاران استاد حاجي ارشاد علي لغاري کي نائب صدر ۽ استاد غلام شبير لغاري کي سينئر نائب صدر طور مقرر ڪرڻ تي لغاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

شڪارپور ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران بدامني خلاف ٽي روزه ڪيمپ قائم

امن امان جي حوالي سان لکيدر گهنٽا گهر تي ٽن ڏينهن جي اعلائيل احتجاجي ڪئمپ جاري

شهرين کي تحفظ ڏيو، شڪارپور مان غنڊا راج ختم ڪيو جا اپ ڏاريندڙ نعرا پڻ هنيا ويا

سڄاڻ ڌرين پوليس تي عدم اعتماد جو اظهار ڪندي ڪيس بدامنيءَ جو ذميوار قرار ڏنو

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) سنڌي ادبي سنگت پاران بدامني خلاف ٽي روزه ڪيمپ قائم ڪئي وئي، خبر موجب: شڪارپور ضلعي اندر وڌندڙ بدامني خلاف سنڌي ادبي سنگت شاخ شڪارپور پاران امن امان جي حوالي سان لکيدر گهنٽا گهر تي ٽن ڏينهن جي اعلائيل احتجاجي ڪئمپ جاري آهي. جتي ٻئي ڏهاڙي به شهر ۽ ضلعي جي وڏي تعداد ۾ شهرين ۽ مختلف سياسي،/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

بدين ۾ ايس ٽي پي پاران بدامني، منشيات ۽ ڪارڪن تي ڪوڙن ڪيسن خلاف احتجاج جاري

ايوان صحافت جي اڳيان شاهنواز سيال، غلام قادر مراداڻي، ياسر سيال، ڪفايت سنڌي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

ضلعي ۾ چورين ڦرن ڌاڙن جي وڌندڙ وارداتن ۽ پوليس جي ناڪامين ڪانپوءِ شهري راتيون جاڳي گذاري رهيا آهن : مظاهرين

منشيات بند ڪرائي ٿاڻن تي سٺي ساک وارن آفيسرن کي مقرر ڪري چورين ڦرون ڌاڙا بند ڪرائي واهر ڪئي وڃي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ايس ٽي پي جي پاران ڪالهه پنجين ڏينهن ضلع ۾ وڌندڙ بدامني منشيات ۽ ڪارڪن تي ڪوڙن ڪيسن خلاف ايوان صحافت جي اڳيان شاهنواز سيال غلام قادر مراداڻي ياسر سيال ڪفايت سنڌي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري 4 ڪلاڪ احتجاجي ڪئمپ تي علامتي بک هڙتال ڪئي وئي هن موقعي تي اڳواڻن چيو ته بدين ضلعي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

بدين : ايس ٽي پي اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

جوهي بئراج جي پڇڙي جي شاخن ۾ زرعي پاڻي نه پهتو، احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

جوهي(رپورٽر) جوهي بئراج جي پڇڙي جي شاخن ۾ زرعي پاڻي نه پهچڻ تي ايريگيشن ايس ڊي او انجنيئر ۽ پاڻي چورن خلاف جوهي جي آبادگارن اڳواڻن منظور علي سولنگي، امام علي رستماڻي، غلام محمد جنگواڻي، شمن ڪوسو، رفيق احمد جمالي، ميهر گاڏهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ زرعي جي حاصلات لاءِ شهيد مخدوم بلاول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ميروخان ۾ بجلي بلن ۾ لڳل واڌو ٽيڪسز خلاف تاجر برادري جي سڏ تي شهري سراپا احتجاج

تاجر برادري جي احتجاج سبب روڊ بلاڪ مختلف شهرن ڏانهن ويندڙ ٽرئفڪ معطل، گاڏين جون قطارون، هزارين مسافر پريشان

ٻٽي معيار ۽ غلط پاليسين تحت ملڪ جي اشرافيه لاءِ بجلي مفت ۽ غريب عوام کان هزارين روپيا بل وصول ڪرڻ نا انصافي آهي : اڳواڻ

بنا در بجلي جي بلن ذريعي وصول ٿيندڙ ٽيڪسز کي ختم ڪري عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪنداسين

ميروخان(رپورٽر) ميروخان ۾ بجلي بلن ۾ لڳل واڌو ٽيڪسز خلاف تاجر برادري جي سڏ تي سوين شهري سراپا احتجاج،سخت نعريبازي بلن کي ٻاهه، بجلي جي بلن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ خلاف شهر جي مين روڊ عرضي پٽو تي ٿيل احتجاج ۾ دڪاندارن ۽ سماجي ورڪرن جي شرڪت، تاجر برادري جي احتجاج سبب روڊ بلاڪ مختلف شهرن ڏانهن ويندڙ ٽرئفڪ معطل گاڏين جون قطارون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اڱارو 29 آگسٽ 2023ع

قانون کي 'بازياب' ڪرايو!

سنڌ ۾ امن امان جي حالت بنهه خراب آهي. گذريل چونڊيل حڪومت ۾ امن امان جي بدتري جنهن نهج تي پهتل هئي، ان ۾ ڪا به تبديلي ناهي آئي. لڳي ايئن ٿو ته نگران حڪمران گذريل حڪومت مان ورثي ۾ مليل بدامنيءَ واري امانت بنا ڪنهن خيانت جي ساڳي حالت ۾ نئين چونڊن جي نتيجي ۾ ايندڙ حڪومت کي واپس ڪرڻ چاهين ٿا ۽ اهي شايد اهو نياپو ڏيڻ چاهين ٿا ته امين هجڻ جي ناتي انهن بدامني جي هن امانت ۾ ڪا به بهتري آڻڻ جي خيانت ناهي ڪئي. هن وقت سنڌ ائين ئي آهي، جيئن امن امان جي حوالي سان گذريل حڪومت جي دور ۾ هئي. درجنين مغوي ڌاڙيلن جي گرفت ۾ آهن ۽ ڌاڙيل، شايد ئي ڪو ڏينهن هجي، جنهن ڏينهن مغوين تي تشدد وارين وڊيوز وائرل نه ڪندا هجن. جنهن سان شديد خوف ۽ غير يقينيءَ وارو ماحول جڙي ويو آهي. ماڻهن ۾ خوف آهي. ڌاڙيلن اهڙي هڪ وڊيو بدائي واسي مغوي جگديش جي به وائرل ڪئي آهي، جنهن کي سنگهرن ۾ ٻڌي تشدد ڪيو پيو وڃي. ٻه مهينا اڳ اغوا ٿيل مکي جگديش ۽ ٻالڪ جڳ ديپ کي پوليس بازياب ڪرائي نه سگهي آهي. مکي جگديش جي فون تان رڪارڊ ڪيل وڊيو ۾ هو پنهنجي پٽ کي ڇٽي رهيو هو ته ڪيس ٽن ڏينهن اندر ڇڏرايو وڃي، ٻي صورت ۾ ڌاڙيل ڪيس بلوچستان ۾ وڪرو ڪري ڇڏيندا.

سنڌ ۾ صرف امن پسند شهري ئي اغوا ٿيل آهن پر هتي قانون پڻ ڌوهارين وٽ يرغمال بڻيل آهي، جنهن کي سڀ کان پهرين بازياب ڪرائڻ جي ضرورت آهي، پر حيرت اها آهي ته رياست ان لاقانونيت کي پاڻ لاءِ چئلينج نٿي سمجهي. نگران حڪومت ايندي ئي سنڌ مان بدامني جي خاتمي لاءِ قدم کڻڻ، ڌوهارين خلاف آپريشن جا اعلان ته ڪيا پر حيرت اها آهي ته انهن به اعلانن کان اڳتي وڌي ڪا به اڳڀرائي نه ڪئي آهي ۽ ساڳيوئي اسٽيٽسڪو برقرار رکيو آهي، جنهنڪري جيڪا ٿوري امن جي اميد هئي، اها به ختم ٿي وئي آهي. ڌوهارين جون سرگرميون عروج تي آهن. اهي بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي ماڻهو اغوا ڪريو وڃن ۽ قانون جو ماڻهن کي ڪو به اوٽ اجهو ۽ ڏي ڪونهي. پڙهندڙن کي ياد هوندو ته ڪجهه ڏينهن اڳ بگٽي برادريءَ جي ڪجهه ماڻهن کي اغوا ڪيو ويو هو ۽ بلوچستان مان پهتل ان ئي برادريءَ جي ماڻهن جڏهن هتي شاهراهون بند ڪيون ته ڌوهن جي سرپرستي ڪندڙ اشرافيا ۽ انهن جي ڪمداري ڪندڙ پوليس تحرڪ ۾ اچي وئي ۽ انهن مغوين کي بازياب ڪرايو ويو. انتظاميا ان عمل ذريعي ڇا سنڌ جي ماڻهن کي اها ترغيب ڏيئي رهي آهي ته اهي به لاقانونيت جو سهارو وٺن، قانون هٿ ۾ کڻن. تڏهن ئي مغوين کي آزاد ڪيو ويندو؟! ڪجهه ڏينهن کان بدامني خلاف احتجاج هلي رهيا آهن. تازا احتجاج ڪشمور_ڪنڌڪوٽ ضلعي ۾ ٻن مغوين کي بازياب ڪرائڻ جي حوالي سان انهن جي وارثن پاران ٿي رهيا آهن پر انتظاميا انهن احتجاجن کي سنجيده نه پئي وٺي، ڇا جڏهن اهي احتجاج پُرتشدد رخ وٺندا، تڏهن ئي انتظاميا اکيون پٽيندي؟ ڇو ته هن وقت نگران انتظاميا امن امان جي اهميت کي سنجيده نه پئي وٺي. اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته شفاف چونڊن لاءِ امن امان جي بهتر صورتحال جو هجڻ ضروري آهي. جڏهن امن امان ئي نه هوندو ته شفاف چونڊون ڪيئن ٿي سگهنديون؟ مڃيون ٿا ته نگران حڪومت جو ڪم شفاف اليڪشن ڪرائي اقتدار جي پُرامن منتقلي ڪرڻ آهي پر نگران منتظمين پنهنجي ان بنيادي ڪم کي ڇڏي سنڌ جا معدني وسيلا تين وال ڪرڻ واري مهم جُوئيءَ سميت اهڙن ڪمن ۾ رڌل آهن. جن جو وٽن مينڊيٽ ئي نه آهي.

سنڌ جي نگران انتظاميا کي اسان اهو چوڻ جي ضرورت ٿا محسوس ڪريون ته سنڌ ۾ ڌوهارين خلاف فوج ۽ رينجرز جي مدد سان ڀرپور آپريشن ڪيو وڃي، بلڪل اهڙو آپريشن، جهڙو راجنپور جي ڪچي ۾ ڇوٽو گينگ خلاف ڪيو ويو هو. جيڪڏهن نگران واقعي به شفاف اليڪشن جو فرض پورو ڪرڻ چاهين ٿا ته ان لاءِ سڀ کان پهرين امن امان قائم ڪرڻ واري ذميواري ڏانهن ڌيان ڏيڻو پوندو. اسان اهو پڻ چوڻ چاهينداسين ته ڌوهن جي سرپرستي ڪندڙ اشرافيا خلاف سخت قدم کڻي معصوم ٻارڙن سميت ڌاڙيلن وٽ ٻاندي بڻيل مغوين کي آزاد ڪرايو وڃي. نياڻي پريا ڪماريءَ کي به بازياب ڪرائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وڃي، ڇو ته اهي ڌاڙيل انهن پوتارن ۽ "پڪي جي ڌوهارين" جي ڇانوَ ۾ اهي ڪارروايون ڪري رهيا آهن.

سنڌ، زراعت جي زبون حالي ۽ زراعت کاتو!!

حمت الله ٻرڙو

سنڌ ڌرتي مالوند ماڻهن جي ڌرتي آهي ۽ مال اتي هوندو آهي جتي جي زمين زرخيز ۽ آباد هجي. ان نسبت سان جڏهن اسان سنڌ جي زراعت تي ڳالهائينداسين ته اسان کي سڀ کان اڳ ۾ ان ڳاله ڪرڻ ۾ ڪوحرج محسوس نه ٿيندو ته سنڌ جو جو ماڻهون گهٽائيءَ ۾ زراعت تي پنهنجو جياپو رکيو ويٺو آهي،هاڻي جڏهن اسان جي ماڻهون ۽ جي صورتحال تڪليفده نذر اچي رهي آهي ته اسان کي پنهنجي بنياد سوال ڏانهن واپس وڃڻو ٿو پوي ته آخر ايئن ڇو پيو ٿئي ته اسان جي ماڻهن ۽ مالوندن کان ويندي آبادگارن تائين هن جديد ٽيڪنالوجي جي دور ۾ زرعي لحاظ کان جيڪا صورتحال بهتر ٿيڻ کپي ها سا آخرڪار ڳتيءَ جو ڇو آهي؟!ان لاءِ سوچيو سي ته ڇونه سنڌ جي تباهه حال زراعت تي لکجي. ان لاءِ سڀ کان پهريان سنڌ جي زراعت کاتي بابت مليل معلومات سامهون رکجي ٿي ۽ بعد ۾ سنڌ جي زراعت ۾ بجاءِ بهتري اچڻ جي تباهڪاريءَ تي پڻ اچون ٿا.سنڌ حڪومت ۾ هڪ کاتو سنڌ زراعت کاتو آهي جنهن جا تقريبن 8 کان 10 شعبا آهن جيڪي سنڌ جي زراعت کي بهتري طرف وٺي وڃڻ ۽ جديد تقاضائن جي هم آهنگن سان روشناس ڪرائيندي بهتري آڻڻ جا پابند آهن.سنڌ جو زراعت کاتو ڪنهن نه ڪنهن وزير موصوف ،صلاحڪار يا خود سنڌ جي وزيراعلي وٽ پڻ رهيو آهي .جيئن هن وقت به سنڌ جي زراعت وارو کاتو نگران وزيراعلي سنڌ جسٽس باقر مقبول وٽ آهي جيستائين ڪو وزير يا صلاحڪار پڻ اچي،انڪانپوءِ هن کاتي کي هڪ صوبائي سيڪريٽري زراعت کاتو هجي ٿو جنهن جي ماتحتي ۾ 19 گريڊ کان 20 گريڊ جا مختلف شعبن جا آفيسر پڻ آهن جنهن ۾ نمبر هڪ ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيع کاتو جيڪو گريڊ 20 جو پڻ هوندو آهي اهڙي طرح سان نمبر 2 تي آهي زرعي تحقيق وارو شعبو جنهن جو به پڻ ڊائريڪٽر جنرل ٿئي ٿو ۽ اهو به گريڊ 20 جو هوندو آهي هوڏانهن 3 نمبر تي هڪ شعبو واٽر مينيجمنٽ جو آهي جنهن کي به 20 گريڊ جو آفيسر ڊائريڪٽر جنرل جي حيثيت ۾ سنڀاليندي متي رپورٽ پيش ڪندو آهي. اهڙي ئي طريقي سان هڪ ٻيو شعبو 4 نمبر تي آهي ايگريڪلچر انجنيئرنگ جنهن جي ماتحت سنڌ ۾ موجود ورڪشاپ پڻ هوندا آهي ۽ هن شعبي کي به ساڳي گريڊ جو ڊي جي سنڀاليندڙ هوندو آهي. هوڏانهن نمبر 5 تي سنڌ سيڊ ڪارپوريشن پڻ آهي ۽ هن شعبي کي هڪ ايم ڊي سنڀاليندو آهي جيڪو پڻ 20 گريڊ جو هوندو آهي ۽ هن عهدي تي ٻاهرين

ڪاٽن جا ڊي ايم جي گروپ يا ڪو ٻيو برابر گريڊ جو آفيسر به پڻ سنڀاليندو رهندو آهي. نمبر 6 تي هڪ شعبو ڪين ڪمشنر جو آهي جيڪو به پڻ گريڊ 20 جو آهي هتي به ڊي ايم جي گروپ جا آفيسر به ايندا رهن ٿا اهري ريت زرعي مارڪيٽنگ يعني ايگريڪلچر مارڪيٽنگ آهي هتي به هن شعبي کي سنڀالينڊڙ ڊي جي ٿئي ٿو جيڪو به 20 گريڊ جو هوندو آهي ۽ زراعت کاتي مان ڪنيو ويندو آهي. ان کان علاوه آخر ۾ 8 نمبر شعبو زرعي طور ماپ وارو شعبو به آهي جنهن جو سنڀاليندڙ ڊائريڪٽر جنرل ٿئي ٿو. اهڙي نموني هي سنڌ جو زراعت کاتو مڪمل ٿيندي اربين روپين جي بجيٽ ساڻ ڪم ڪري رهيو آهي جنهن جو خاص زميوار صوبائي سيڪريٽري ٿئي ٿو جنهن جي ماتحتي ۾ اهو کاتو انهن شعبن هجڻ ۽ انهن جي هيڊ جي وي گريڊ جي سربراهن هوندي سيڪريٽري زراعت کي جوابده آهي. ذريعن کان مليل ڄاڻ موجب زراعت کاتي جي ڪجهه شعبن ۾ عالمي فورمن تان به فنڊنگ ٿئي ٿي ۽ وفاقي حڪومت به فنڊنز جاري ڪري ٿي ته جيئن زراعت کي جديد بنيادن تي آراسته ڪري زرعي سيڪٽر ۾ ترقي ڪجي جنهن ۾ واٽر مينيجمنٽ،اگريڪلچر ايڪسٽينشن ۽ ايگريڪلچر ريسرچ جا شعبا اچي وڃن ٿا جنهن ۾ اربين روپيا ٻاهرين مالڪن ۽ مالياتي ادارن جي سهڪار سان اچن ٿا جنهن جي رپورٽ کاتي جي سيڪريٽري کي ڄاڻ ۾ ڏني ويندي آهي ۽ ايئن کاتي جو سربراه سيڪريٽري پنهنجي وزير موصوف کي پراگريس رپورٽ ڏيڻ جو زميوار هوندو آهي ۽ پبلڪ آڏو جوابده هوندو آهي. هن وقت جي اسان فقط سنڌ جيڪا پنهنجي حيثيت ۾ هڪ پرڳڻي جي حيثيت رکندي ۽ زراعت ۾ پاڻ پري هوندي ٻاهرين ملڪن سان زرعي جنسون متاسا ڪندي زرعي بنيادن تي ڪاروبار ڪندي هئي سا هن وقت پاڪستان ٺهڻ بعد جڻ ته زراعت کي ڪا جور لڳي وئي آهي جنهن سنڌ جي زراعت جو رت چوسي نهام ڪري ڇڏيو آهي اسانجو ملڪ پيارو پاڪستان زرعي ملڪ هوندي هن وقت تائين پنهنجي زراعت واري شعبي ۾ جيڪا به ترقي ڪئي آهي تنهن ۾ سنڌ هن وقت تمام پوئتي آهي ۽ هن وقت زرعي فصلن جي جديد بنيادن تي جيڪا رکوالي ۽ سنڀال سرڪاري بنيادن تي ٿئي سا سنڌ ۾ ڪونه ٿئي يقين نه اچي ته اوهان فصلن جي پوکائي وقت زرعي جنسن ،فصلن جي واڌ ويجهه لاءِ زرعي دائن ۽ بين ٽيڪنيڪلي شين جو جائزو وٺندا ته اوهان جتي سنڌ زراعت کاتو ته نذر ڪونه ايندو پر زراعت کاتي جا متي بيان ڪيل 8

شعبا ۽ انهن جون سربراهن سميت ٽيمون يا عملو نظر ڪونه ايندو جي ايندو ته زرعي مارڪٽنگ.۽ زرعي دوائن وارين ڪمپنين جي ڳٺ جوڙ مافيا جي حصي طور توهان کي سامهون ايندو رهندو!! ان ڪري اسان هتي سنڌ جي نگران وزير اعلي سنڌ جسٽس باقر مقبول ۽ سنڌس ٽيم آڏو اها ڳاله رکون ٿا ته سنڌ جهڙي زرخيز زراعتي زمين کي تباهڪاريءَ ڏانهن پهچايندڙ زميوارن جو وڏي پشيماني تي احتساب وٺڻ کپي ۽ زميوار عملدارن کي هر مهيني جي نه ته 3 مهينن تي مشتمل پراگريس رپورٽ وٺڻ کپي ته اوهان مختلف شعبن جي زميوارن جي ڇا پراگريس رپورٽ آهي ان رپورٽ جي آڌار تي ڪين مڃتا ۽ سزا پڻ ڏني وڃي. ٻي گوش گذار درخواست اها آهي ته اداري کي هر 3 ماهي بجيٽ به رليز ٿئي ٿي ان جي ڪا به رپورٽ پبلڪ نه ٿي ٿئي جيڪا اصولن ٿيڻ کپي ته کاتي کي ڪهڙا پئسا ڪهڙي مد ۾ مليا ۽ اهي ڪٿي ڪهڙي مد ۾ ڪيئن خرچ ٿيا .

هر ٽن مهينن يا 6 مهينن اندر زرعي کاتو جي جي زميوار آفيسرن ،وزير موصوف کان ويندي آبادگارن جي هڪ گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ زرعي ڪارپوريٽ سيڪٽر جي نمائندن کي به ويهاري ميٽنگ ڪري سگهجي ٿي ته جيئن زرعي اپت .خودخال کان ويندي جديد زرعي لاڙن ۽ سڌارن تي ويچاري سگهجي . اهڙي نموني متي ڄاڻايل زرعي کاتي جي مختلف شعبن جي سربراهن کي اهليت جي بنياد تي رکي سندن بهتر رپورٽن جي بنياد تي اڳتي هلڻ ڏنو وڃي ۽ هن کي پابند بڻايو وڃي ته هو پنهنجي شعبي جو زميوار آهي ۽ هن وٽ سياسي ۽ اقربا پروري واري مداخلت به روڪي وڃي ته جيئن ان شعبي جي سربراه کي ڪم ڪندي دقت پيدا نه ٿئي. ريسرچ مرڪز هوندي ،زرعي ورڪشاپ هوندي،۽ اجا ٻيا شعبا هوندي بيٽ استعمال ڪندي اسان جي زراعت سڌرندي نذر نه اچي ته سمجهي ڇڏيو چور گهر جو اٿوا!! ان لاءِ اسان سمجهون ٿا ته اسان جي فوج جي سپه سالار محترم عاصم منير به زرعي سبز انقلاب جي ڳاله ڪئي آهي ۽ اسان هتي سنڌ جي زميوار نگران وزيراعلي سنڌ باقر مقبول جنهن وٽ زرعي وزارت جو قلمدان به آهي ته جيستائين اليڪشن ڪميشن اليڪشن جو اعلان ڪري تيستائين سنڌ جي حساس معاملن ۽ هتي خصوصن زرعي شعبيه بهتري لاءِ بهتر اپاءَ ورتا ويندا ته تاريخ توهان کي بهتر لفظن ۾ ياد ڪندي.وڏيڪ سنڌ جي زرعي صورتحال اوهان سامهون آهي جيڪا سڌاري لاءِ واجهائي ٿي.

ڪوئڻ قريبن جو، عين تڙڻ آهِ؛
اِيَ اُلٽي ڳالهڙي، سِڪَ ورندي ساهِ؛
آسر هُدمَ لاهِ، چِنڻ گُنديَنِ اُن جو.

ڪاڪڙ جي چونڊ سان علوي جي صدارت جو ڪهڙو تعلق آهي؟

تحرير: جاويد فاروقي

انوارالحق ڪاڪڙ جي نالي بابت حتمي فيصلي ٿيڻ تي اسلام آباد جي باخبر دوست ڄاڻ ڏني ته صادق عمراڻي جي نالي تي سنجيدگي سان غور ڪيو ويو هو پر ان دوران هڪ وڏي اڳڀرائي ٿيڻ ڪري طاقتور حلقن کي به مهرن کي اڳتي وڌائڻ ۽ پوئتي هٽڻ تي مجبور ٿيڻو پيو اهڙي ريت صادق سنجراڻي جي جڳهه تي انوارالحق ڪاڪڙ اچي ويو.

ملڪي معاملن تي رپورٽنگ ڪندي ئي ڌاڪا ٿي ويا آهن. انڪري اندازو ٿيو ته ان جي پس منظر ۾ ڪا وڏي خبر آهي. مون تڪڙ ۾ معلوم ڪيو ته اهو ڪهڙو فيصلو ٿيو هو؟ ان تي پتو پيو ته صدر عارف علوي کي 9 سيپٽمبر تي هن جي رٽائرمينٽ واري ڏينهن گهر موڪلڻ جو فيصلو ٿي چڪو آهي.

باخبر دوست موجب جيتوڻيڪ آئيني طور تي صدر پنهنجي رٽائرمينٽ بعد به صدارتي چونڊ ٿيڻ تائين عهدي تي برقرار رهي سگهي ٿو پر صدر علوي کي هاڻي طاقتور حلقا وڌيڪ ايوان صدارت ۾ برداشت ڪرڻ جي لاءِ تيار نه آهن.ان ڪري صدارتي مدي پوري ٿيڻ بعد ڪيس گهر موڪليو ويندو.صدر جي عهدي خالي ٿيڻ تي سينيٽ جو چيئرمين آئيني طور تي قائم مقام صدر ٿيندو آهي.ان ڪري صادق سنجراڻي کي سنڀالي رکيو ويو آهي.

هاڻي صدر آفيشل سيڪريٽس ايڪٽ ترميمي بل 2023 ۽ آرمي ايڪٽ ترميمي بل 2023 جي حوالي سان ٽوئيٽ ڪري وڌيڪ ڇتو ڪري ڇڏيو آهي ته هن جو قانونن ۾ ڪجهه اچي نه وڃي. بلڪ سنڌس چوڻ موجب اسٽاف سنڌس هدايتن جي ابتڙ بلن کي روڪي رکيو ان باوجود مقرر مدي گذرڻ سبب حڪومت کي انهن بلن کي قانون جو درجو ڏيڻ جو موقعو ملي ويو آهي.صدر جي ٽوئيٽ بابت به جدا جدا تشريحون ڪيون پيون وڃن هڪ ته صدر ان قانون سازي ۾ برابر جو شريڪ آهي هن کي ڪٿان ڪان اشارو مليو هن خاموشي اختيار ڪري رکي ۽ ڏهه ڏينهن گذرڻ ڏنا ته جيئن هو پنهنجو دامن به صاف رکي ۽ قانون بڻجڻ جو عمل به خاموشي سان مڪمل ٿي وڃي.

صدر جو انهن قانونن کان لاتعلق نظر اچڻ ان ڪري به ضروري هو جو چيئرمين پاڪستان تحريڪ انصاف سڌي ريت ان قانون جي پڪڙ ۾ اچي رهيو آهي.اهو قانون جڙڻ تي صدر جي حوالي سان پارٽي ۾ شديد ردعمل آيو ته قومي اسيمبلي جي غيرموجودگيءَ ۾ صدر جي لاءِ ان قانون جو رستو روڪڻ گهڻو آسان هو هاڻي جڏهن صدر جو مدو پورو ٿي رهيو آهي ته صدر کي واپس پنهنجي پارٽي ۾ وڃڻو آهي. ان کان اڳ صدر پاڻ کي ان معاملي کان جدا ڪري پاڻ مٿان پوندڙ دٻاءَ کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ٻي تشريح موجب صدر علوي جي ٽوئيٽ ۽ طاقتورن جي مبينه رٽابندي جو پاڻ ۾ ڳهرو تعلق آهي.

صدر علوي جي عهدي جي آئيني مدت 9 سيپٽمبر تي ختم ٿي رهي آهي. پر نئين صدر جي چونڊ جي لاءِ هن وقت صدارتي اليڪٽورل ڪاليج يعني قومي ۽ صوبائي اسيمبليون موجود نه آهن.هن غير معمولي صورتحال ۾ آئين جي آرٽيڪل (1) 44 جي تحت صدر عهدي جي مدت ختم ٿيڻ باوجود نئين صدر جي چونڊجڻ تائين پنهنجي عهدي تي موجود رهندو.جنهن جو مطلب ته صدر علوي رٽائر ٿيڻ باوجود به رٽائر نه ٿيندو.اها صورتحال اسٽيبلشمينٽ لاءِ اڻوڻندڙ آهي.

نگران حڪومت جي جوڙجڪ ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو ان مان لڳي ٿو ته اسٽيبلشمينٽ وڏي ڪاريگري سان پي ڊي ايم کان اقتدار جا ايوان خالي ڪرايا آهن يعني شهبازشريف آصف زرداري،مولانا فضل الرحمان،ايم ڪيو ايم وغيره مان جان ڇڏائي وئي آهي ته عمران خان جي باقيات وري ڪيئن ايوان صدر ۾ رهي سگهي ٿي؟

ذريعن جو چوڻ آهي ته صدر تي واضح ڪيو ويو آهي ته 9 سيپٽمبر بعد هو پاڻ ئي ايوان صدر ڇڏي هليو وڃي. ان صورت ۾ سينيٽ جو چيئرمين هن جي جڳهه تي قائم مقام صدر مملڪت بڻجي ويندو.جڏهن ته سينيٽ جو ڊپٽي چيئرمين وري قائم مقام چيئرمين سينيٽ بڻجي ويندو.ان ڪري صادق سنجراڻي کي نگران وزيراعظم بڻايو وڃي ها ته هن کي سينيٽ مان استعفيٰ ڏيڻي پئي ها. ان صورتحال ۾ سينيٽ جي چيئرمين جي چونڊ به لازمي ڪرائي پوي ها.هنن حالتن ۾ طاقتور ڌريون ڪنهن قسم جو غير ضروري رسڪ کڻڻ نٿيون چاهين.

موجوده حالتن ۾ پي ڊي ايم جون جماعتون رضا رباني جهڙي شخصيت کي سينيٽ جو چيئرمين ڪرائين ها ته ان سان حالتون هٿن مان نڪرڻ جو امڪان هو انهن ڳالهين کي سامهون رکندي انوارالحق ڪاڪڙ کي نگران وزيراعظم بڻايو ويو

ان ٿيوري کي مڃڻ بعد صدر جي ڪيل ٽوئيٽ سمجهه ۾ اچي ٿي،ته هو نه رڳو پنهنجي معاملي تي اسٽيبلشميٽ سان مزاحمت ڪري رهيو آهي بلڪ پنهنجي پارٽي جي قائد کي سائفر ڪيس مان بچائڻ جي لاءِ ٻهرپور وار ڪيو آهي. جنهن ۾ هن انهن قانونن جي بنيادن کي ڏوڏي ڇڏيو آهي. جن ذريعي عمران خان جو ٽرائيل ٿيڻو آهي.

صدر جي ٽوئيٽ کي هن جي بي وسي ،لاچاري ۽ نااهلي سان پيٽيو پيو وڃي پر هو وڏي چال هلي ويو آهي. جيڪڏهن سپريم ڪورٽ به ان معاملي جو نوٽيس ورتو ته پوءِ صدر جي ٽوئيٽ جي اهميت سامهون اچي ويندي. بهرحال ايندڙ ئي وقت صدرعلوي ، اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي مستقبل ۽ ايندڙ چونڊن جي لاءِ نه رڳو اهم بلڪ فيصلاڪن ثابت ٿي سگهي ٿو.

بقايا 01 ***

پر حڪومت کان ٽيڪس واپس وٺڻ جو مطالبو به ڪيو پيو وڃي. اهڙي صورتحال ۾ وزيرآباد مان هڪ وڊيو سامهون آئي آهي، جنهن ۾ مسجد جو امام لائوڊ اسپيڪر تي بجلي جو بل نه ڀرڻ جو پيغام ڏئي رهيو آهي. وائرل وڊيو ۾ مسجد جو امام چئي ٿو ته وڪيلن ۽ صحافي برادري طرفان گڏيل اعلان ڪيو وڃي ٿو ته ڪير به بجلي جو بل نه ڀري، اسان توهان سان گڏ آهيون.

بقايا 02 ***

چيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس طارق جهانگيري تي ٻڌل 2 رڪني بينچ ڪئي. ڪيس جي ٻڌڻي شروع ٿي ته بئريسٽر علي ظفر تحريڪ انصاف چيئرمين سان ملاقات جي اجازت ڏيڻ جي اپيل ڪئي. جنهن تي چيف جسٽس چيو اميد آهي ته اڄ درخواست تي فيصلو ٿي ويندو. اليڪشن ڪميشن جي وڪيل امجد پرويز ايڊووڪيٽ سزا معطلي جي مخالفت ڪندي مختلف قانون ۽ عدالتي فيصلن جا حوالا پيش ڪيا. وقفي کانپوءِ ٻيهر ٻڌڻي شروع ٿي ته تحريڪ انصاف چيئرمين جي وڪيل لطيف کوسه چيو اليڪشن ڪميشن جي وڪيل جي دليلن ۾ مداخلت نٿو ڪرڻ چاهيان. هن نواز شريف جي سزا معطلي جو حڪم بحال رکڻ جي سپريم ڪورٽ جي فيصلي جو حوالو ڏنو عدالت دليل ٻڌڻ کانپوءِ عمران خان جي سزا معطلي جي درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو، جيڪو سپاڻي 11 وڳي ٻڌايو ويندو.

بقايا 03 ***

ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيو آهي. نواز شريف ئي عوام کي مهانگائي ۽ بجلي جي بلن ۾ واڌ کان بچائيندو. لاهور ۾ ن ليگ وومين يوٿ ونگ جي عهديدارن سان گفتگو ۾ مريم نواز چيو ته ن ليگ گذريل 16 مهينن ۾ پاڪستان کي ڏيوالي کان بچايو هاڻ عوام کي مهانگائي کان به اسان ئي بچائينداسين. هن چيو ته نواز شريف اڳ به عوام کي مهانگائي، دهشتگردي ۽ لوڊشيڊنگ مان ڇوٽڪارو ڏيارو هو. هڪ ڀيرو ٻيهر عوام کي مهانگائي ۽ بجلي جي بلن ۾ واڌ کان ڇائيندو. نواز شريف ئي پاڪستان جي ترقي جي ضمانت آهي. سنڌس چوڻ هو خواهش آهي ته ايندڙ چونڊن ۾ نوجوانن کي وڌيڪ پارٽي ٽڪيٽون ڏنيون وڃن. شاگرد ن ليگ جي ليڊرشپ کي ئي پسند ڪندا آهن. ن ليگ ملڪ جي سڀ کان وڏي يوٿ ۽ عورتن جي جماعت بڻجي چڪي آهي.

بقايا 04 ***

ڇڏيو آهي. سنڌ حڪومت طرفان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب صوفي بزرگ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عرس جي موقعي تي پهرين سيپٽمبر جمعي جي ڏينهن سنڌ ۾ عام موڪل هوندي.جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب پهرين سيپٽمبر تي سموري صوبي ۾ سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارا بند رهندا. جڏهن ته وفاق طرفان موڪل جو اعلان نه ڪرڻ سبب مرڪزي بينڪ سميت بيون واپاري بينڪون ۽ ڪاروباري جڳهيون کليل رهنديون.

بقايا 05 ***

۽ ڪابينه کي ڪونسل بابت اجلاس ۾ بريفنگ ڏني وئي. ذريعن موجب فوڊ سيڪيورٽي جي وزارت، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ معدنيات جي سرمائيڪاري بابت معاملن تي اجلاس ۾ بريفنگ ڏني وئي. نگران وزير، ۽ عسڪري اختيارين طرفان سرمائيڪاري جي شعبن تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ اسپيشل انويسٽمينٽ فسليٽيشن ڪائونسل جي ڪارڪردگي تي اطمينان جو اظهار ڪيس ان موقعي تي نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ چيو ته ملڪ ۾ ٻاهرين سرمائيڪاري سان معاشي حالتن کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو سرمائيڪارن لاءِ سازگار ماحول ۽ سهولتون ڏيڻ حڪومت جي ذميواري آهي. ٻهرپور ڀيرو آهي ته ملڪي معيشت جي لاءِ هڪ ويزن نظر اچي رهيو آهي.

بقايا 06 ***

محمود قريشي کي وڌيڪ 2 ڏينهن جي لاءِ جسماني ريمانڊ تي ايف آءِ اي جي حوالي ڪري ڇڏيو نيب طرفان اسپيشل پراسيڪيوٽر ذوالفقار نقوي عدالت ۾ پيش ٿيو جڏهن ته شاهه محمود جي طرفان بابر اعوان ۽ شعيب شاهين پيش ٿيا. ان موقعي تي عدالت جي ٻاهران سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا ۽ غير لاڳاپيل ماڻهن کي عدالت جي ڪمري مان ٻاهر ڪڍيو ويو.عدالت پنهنجي ريمارڪس ۾ چيو ته ڪيس ۾ اڳڀرائي ٿي ته ئي وڌيڪ جسماني ريمانڊ نه ڏنو ويندو. ايف آءِ اي سائفر ڪيس ۾ شاهه محمود قريشي کان جاچ ڪري رهي آهي. ٻڌڻي دوران ايف آءِ اي شاهه محمود قريشي جو وڌيڪ جسماني ريمانڊ گهريو جنهن تي وڪيل صفائي بابر اعوان جسماني ريمانڊ جي مخالفت ڪئي ۽ پنهنجي دليلن ۾ مختلف اعليٰ عدليه جي فيصلن جو حوالو ڏيندي چيو ته شاهه محمود جو سائفر ڪيس سان ڪوبه تعلق نه آهي. آرٽيڪل 90 ۽ 91 جي تحت ان جو سائفر سان ڪو به تعلق نه آهي. ان دوران اسپيشل پراسيڪيوٽر شاهه محمود جو موبائل هٿ ڪرڻ جي لاءِ وڌيڪ 5 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ جي استدعا ڪئي جنهن جي بابر اعوان سخت مخالفت ڪئي. عدالت ٻنهي ڌرين جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ شاهه محمود جي وڌيڪ جسماني ريمانڊ تي فيصلو محفوظ ڪر يورتو جيڪو ڪجهه دير کان پوءِ ٻڌائيندي ايف آءِ اي جي استدعا منظور ڪري ورتي. عدالت شاهه محمود جو ٻن ڏينهن جو جسماني ريمانڊ منظور ڪري ورتو.پي ٽي آءِ وائيس چيئرمين 26 آگسٽ تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ سائفر ڪيس ۾ جسماني ريمانڊ خلاف درخواست داخل ڪئي هئي. درخواست ۾ جسماني ريمانڊ جي 3 حڪمنامن کي ڪالعدم قرار ڏيڻ جي استدعا ڪندي موقف اختيار ڪيو ويو هو ته سياسي انتقام جو نشانو بڻائڻ جي لاءِ آفيشل سيڪرٽ ايڪٽ جي تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 07 ***

۾ چونڊن جي حوالي سان اڳڀرائي تي گهري نظر رکي آهي. اهي ملڪ هميشه جمهوريت جي وڪالت ڪندا رهيا آهن ۽ سمجهن ٿا ته چونڊون ڪرائڻ ڪنهن به ترقي پسند جمهوري معاشري جو نچوڙ آهي. يورپي ملڪن ۾ اهي امڪان ظاهر ڪيا پيا وڃن ته پاڪستان ۾ چونڊن ۾ دير ٿي سگهي ٿي جنهن سبب موجوده نگران سيٽ اپ مقرر وقت کان اڳيان وڃي سگهي ٿو.سفارتي ذريعن ٻڌايو آهي ته ٽڪ بنديءَ ۽ ڪجهه ٽيڪنڪي معاملن سبب ڪجهه مهينن جي دير برداشت ڪري سگهجي ٿي پر جيڪڏهن چونڊون فيبروري کان به دير جو شڪار ٿيون ته ان جا سنگين نتيجا سامهون اچي سگهن ٿا.هڪ سفارتي ذريعي ٻڌايو آهي ته جيڪڏهن پاڪستان ۾ چونڊون فيبروري کان اڳيان دير جو شڪار ٿيون ته اسان جي لاءِ پاڪستان سان ٻطرفن لاڳاپن جي ساڳئي سطح برقرار رکڻ انتهائي مشڪل ٿي ويندو.

بقايا 08 ***

ٿا. سازش تحت مسلمانن کي مسيحي پاڙن سان ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جڙانوالا سانحي ۾ ملوث 3 مک جوابدارن سميت 180 ڄڻا گرفتار ڪيا ويا آهن. قرآن پاڪ جي توهين ڪرائيندڙن جو نيٽ ورڪ ٽوڙيو ويو آهي. يقين تو ڏياريان ته آئنده اهڙا واقعا نه ٿيندا.لاهور ۾ پريس ڪانفرنس دوران آءِ جي پنجاب چيو ته جڙانوالا سانحي ۾ 180 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. قرآن پاڪ جي توهين ڪندڙ ٻن پاڙن سميت 5 جوابدارن کي 24 ڪلاڪن اندر گرفتار ڪيو ويو هو.هن چيو ته مسجد جا پيش امام ۽ اذان ڏيندڙ مسجد کي به لائوڊ اسپيڪر استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏين. سانحي کانپوءِ مسلمانن مسيحي پاڙن کي عبادت لاءِ پنهنجي مسجد ڏنيءَ. جي وضاحت ڪئي ته جڙانوالا سانحي دوران ڪو به جاني نقصان يا عورتن سان لڄالت جو واقعو پيش نه آيو. پارٽي ميڊيا ۾ جڙانوالا سانحي بابت ڪوڙي پروپيگنڊا ڪئي وئي.

بقايا 09 ***

اڊيالا جيل مان آزاد ڪيو ويو هو.ايمان مزاري جي اڊيالا جيل مان آزاد ٿيڻ وقت اسلام آباد پوليس جيل جي ٻاهران موجود هئي جتي پوليس ڪيس ٻيهر گرفتار ڪري ورتو آهي.اسلام آباد پوليس طرفان فوري طور تي ايمان مزاري جي گرفتاري جو ڪو به سبب نه ٻڌايو ويو آهي. جيل کان ٻاهر ايندي ئي اسلام آباد پوليس ڪيس ڪيس روانو ٿي وئي. ان حوالي سان ذريعن ٻڌايو ته ايمان مزاري کي باره ڪهو ٿاڻي ۾ داخل ڪيل ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. ايمان مزاري کي گذريل هفتي عدالت ترنول ٿاڻي ۾ داخل ڪيس ۾ ضمانت ڏني هئي جنهن کان پوءِ ڪيس اڄ سومر تي بغاوت جي ڪيس ۾ به ضمانت ملڻي هئي جنهن کان پوءِ سنڌس آزادي عمل ۾ آئي هئي.

بقايا 10 ***

ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. اٽارني جنرل چيف جسٽس آف پاڪستان عمر عطا بنديال جي چيمبر ۾ مهر لڳل رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي، ذريعن موجب جسٽس مظاهر ۽ جسٽس مندوخيل جي چيمبرز ۾ ٻي ٽي آءِ چيئرمين کي جيل ۾ ڏنل سهوليتن بابت رپورٽ جمع ڪرائي وئي آهي. سپريم ڪورٽ 24 آگسٽ تي ٻي ٽي آءِ چيئرمين کي جيل ۾ سهوليتن بابت رپورٽ جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو هو.ان کان اڳ سامهون ايندڙ خبرن ۾ ٻڌايو ويو هو ته عمران خان کي جيل جي 1_2 بيرڪ تبديل ڪري هاڻ بيرڪ نمبر 3 الاٽ ڪئي وئي آهي جڏهن ته ڪيس جيل مينوئل کان هٽي ڪري ڪاڏو ملڻ لڳو آهي، صبح سوير ٻي ٽي آءِ چيئرمين کي بيرڪ مان نڪري جيل احاطي ۾ واڪ جي به اجازت آهي. ذريعن ٻڌايو ته عمران خان کي جيل مينوئل کان هٽي ڪري ساڍا 11 وڳي ناشتو ملڻ لڳو آهي ۽ ڪيس روزاني جي بنياد تي فروٽ به ڏنو پيو وڃي. 22 آگسٽ تي جيل کاتي جي ترجمان واضح ڪيو هو ته عمران خان کي جيل قانون موجب سمورين سهولتن ڏنيون ويون آهن جنهن ۾ نئون ٻاٿ روم ۽ ٺهرايو ويو آهي جنهن جون پتون 5 فٽ ڏگهيون آهن ايڊيشنل سيشن جج جي اٽڪ جيل جي دوري واري رپورٽ تي رد عمل ڏيندي جيل کاتي جي ترجمان چيو ته ٻي ٽي آءِ جي چيئرمين جي ڪمري ۾ نئون واش روم ناهيو ويو آهي جنهن جون پتون 5 فٽ ڏگهيون آهن جڏهن ته نئون دروازو به لڳايو ويو آهي. واش روم ۾ ويسٽرن ڪموڊ ۽ واش بيسن به لڳايو ويو آهيترجمان موجب عمران خان لاءِ ناهيل ٻاٿ روم ۾ ٻاٿ سوپ، پرفيوم، ايئر فريشنر، توال ۽ ٽشو پيپر به موجود آهن. ڪمري ۾ بيڊ، رهائش ميٽرس، ميز، ڪرسي، ايئر ڪولر، ايگزاسٽ فين به موجود آهي. جڏهن ته فروٽ، ماکي، ڪجيون، مصلحي انگريزي ترجمي ۾ قرآن شريف ۽ ڪتابون به ڏنيون ويون آهن.

بقايا 11 ***

سگهه نٿو رکي. نگران حڪومت فوري طور تي بجلي جي اگهن ۾ 15 کان 20 رپيا لاٿ ڪري. پنهنجي بيان ۾ امتياز شيخ چيو ته بجلي اگهن ۾ تمام گهڻي واڌ تي عوامي احتجاج گهڻي جوڳو آهي. گهريلو واهپيدارن لاءِ رليف جي حد 200 يونٽن مان وڌائي 300 يونٽ ڪئي وڃي، جڏهن ته آفيسر شاهي ۽ سرڪاري ملازمن جي مفت بجلي جي سهولت ختم ڪئي وڃي. هن چيو ته عوام بجلي جا مهانگا بل ڀرڻ ۽ آءِ ايم ايف معاهدي جو وڌيڪ بار کڻڻ جي سگهه نٿو رکي. تنهن ڪري نگران حڪومت فوري طور تي بجلي جي اگهن ۾ 15 کان 20 رپين تائين لاٿ ڪري. بجلي جي بلن ۾ لاڳو واڌو ٽيڪس فوري طور تي واپس ورتا وڃن.

بقايا 12 ***

ويو آهي. گيتا سري واستوا پاڪستان ۽ پارٽ جي برطانيه کان آزادي بعد پهرين عورت ڊپٽي هاءِ ڪمشنر آ. جنهن کي پارٽي هاءِ ڪميشن اسلام آباد ۾ مقرر ڪيو يو آهي. گيتا سري واستوا جلد پنهنجي عهدي جي چارج سنڀاليندي. گيتا سري واستوا پارٽي هاءِ ڪميشن ۾ مقرر موجوده ڊپٽي هاءِ ڪمشنر سريش ڪمار جو مدو پورو ٿيڻ ڪانپوءِ عهدي جي چارج وٺندي.

بقايا 13 ***

ڪي فائرنگ جو نشانو بڻايو ويو پوليس موجب فائرنگ سبب هڪ ئي خاندان جا 3 ڄڻا مارجي ويا جن ۾ پيءُ، پٽ ۽ ڌيءَ شامل آهن. پوليس موجب مقتولن جي لاشن کي ضابطي جي ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن.

بقايا 14 ***

ته اهي رٽائرڊ ۽ حاضر سروس سرڪاري ملازمن جي گذريل ٻن سالن کان التوا وارين پگهارن ۽ بقايائن جي فوري ادائگي کي يقيني بڻائڻ هن اهي هدايتون اڄ سنڌ جي ناڻي کاتي جي آفيسرن سان گڏ ضلعي خزاني جي آفيسن جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪوٺايل اجلاس جي صدارت ڪندي ڏنيون. اجلاس ۾ سيڪريٽري فنانس سنڌ ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ نگران ناڻي واري وزير کي ٻڌايو ويو ته 20 هزار کان وڌيڪ رٽائرڊ سرڪاري ملازم گذريل ٻن سالن کان پگهارون نه ملڻ سبب سخت پريشاني جو شڪار آهن. جنهن سبب بينشن، ڪميوٽيشن، گريجوئيٽي ۽ رٽائرمينٽ پگهار (ايل پي آر) اگهوات پگهارون به ادا جي مد ۾ فنڊنگ ڪوٽ آهي. جنهن سبب اهي بقايائن 36 ارب تائين پهچي ويون آهن ۽ صوبي جي مختلف ضلعن ۾ رٽائرڊ سرڪاري ملازم ٻن سالن کان پنهنجن بقايائن جي وصولي جا منتظر آهن. اجلاس ۾ نگران صوبائي وزير کي ٻڌايو ويو ته ضلعي خزاني جي آفيسن ۾ بي ضابطگين جي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائيڪيئي وئي آهي پر بقاياجات جي ادائيگي جو نظام ڪي اجا تائين فول پروف نٿو ڇئي سگهجي.ان موقعي تي نگران صوبائي وزير محمد يونس ڍاڳا سنڌ جي ناڻي واري سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته ناقص ڪمڪندڙ عملي کي فوري طور تي هٽائي انهن خلاف قانون موجب ڪارروائي وڃي. هن فنانس ڊپارٽمينٽ ۽ اڪائونٽنٽ جنرل (اي جي) سنڌ جي اعليٰ آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ڪمپيوٽر سسٽم کي بهتر بڻائڻ لاءِ آئي ٽي ماهرن جي فوري طور تي پرتيکيو وڃي ته جيئن مستقبل ۾ ڪنهن به قسم جي بدانتظامي کان بچي سگهجي. ناڻي واري نگران صوبائي وزير محمد يونس ڍاڳا ناڻي کاتي جي آءِ ٽي ونگ کي هدايت ڪئي ته هو هڪ موبائيل ايپ لانچ ڪري جنهن جي مدد سان رٽائرڊ سرڪاري ملازم ضلعي اڪائونٽ آفيس سان رابطا ڪري گهربل سهولتون گهر ويهي به حاصل ڪري سگهن.

بقايا 15 ***

ڪميٽي جي آهي ته پاڪستان ۾ پوليو جي پکيڙ جو خطرو اڃان تائين برقرار آهي. پاڪستان ۾ هن وقت به ٻارن جو وڏو انگ پوليو جا ڦڙا پيئڻ کان محروم آهي. صحت جي عالمي اداري چيو آهي ته سياسي عدم استحڪام، امن امان جي صورتحال پوليو جي خاتمي ۾ رنڊڪ بڻيل آهي. پوليو ويڪسين جو بائيڪاٽ به هن وقت وڏو مسئلو آهي. افغانستان ۾ پوليو پروگرام جي ناڪامي پاڪستان لاءِ ڏنل پوليو پروگرام جي خطري ۾ وجهي سگهي ٿي.ايمرجنسي ڪميٽي چيو آهي ته پرڏيهه سفر ڪندڙ پاڪستاني ۽ افغان شهري پوليو ويڪسينيشن ضرور ڪرائين جنهن کان پوءِ ڪين سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو وڃي.

بقايا 16 ***

معاملي تي چيف اليڪشن ڪمشنر سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ ڪراچي جي قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي سيٽن ۾ واڌ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. رپورٽ موجب ڪراچي جي آبادي وڌڻ سان قومي ۽ صوبائي اسيمبلي ۾ نمائندگي وڌيڪ بڻجي ٿي. ذريعن موجب ايم ڪيو ايم پاڪستان چيو آهي ته ڪراچي جي ماڻهن کي انهن جو آئيني ۽ قانوني حق ڏنو وڃي. متحده پاڪستان وڌيڪ چيو ته ڪراچي ۾ قومي اسيمبلي جون 2، صوبائي اسيمبلي جون 4 کان 6 سيٽون وڌايون وڃن. ذريعن موجب چيف اليڪشن ڪمشنر جو اهو مڃيو ته محتاط اندازي موجب ڪراچي ۾ قومي اسيمبلي جي هڪ جڏهن ته صوبائي جون 3 سيٽون وڌڻ ٿيون پٽي طرف اليڪشن ڪمشنر سان ملاقات کان پوءِ ڊاڪٽر فاروق ستار صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي ٽڪن ۾ هيٺ مٿاهيون نٿي ٿي سگهي، صوبي جي هيٺ مٿاهين ٿي سگهي ٿي. ايم ڪيو ايم ڪراچي جي آدمشماري جي حوالي سان ٻه ڳالهيون ڪيون آهن.هن چيو ته چيف اليڪشن ڪمشنر سان ملاقات دوران چوندن کان اڳ ڌانڌلي روڪڻ تي به ڳالهيون ڪيون. آر ٽي ايس سسٽم چاهيون ٿا. اليڪشن ڪميشن جو نئون سسٽم وڌيڪ بهتر آهي. اسان چوندن بابت نئين سسٽم جو جائزو وٺڻ کان پوءِ موقف ڏينداسين.ايم ڪيو ايم اڳواڻ ڊاڪٽر فاروق ستار ان موقعي تي وڌيڪ چيو ته قومي اسيمبلي نه هوندي به آئين ۾ ترميم ٿئي ٿي سگهي، سيٽن جي انگ ۾ واڌ ته ٿئي ٿي سگهي، بين الصوبائي ٿئي ٿي سگهي، سيٽن ۾ هيٺ مٿاهين ٿئي ٿي سگهي. اهو مسئلو 5 آدمشماري کان پوڪي رهيا آهيون هن وڌيڪ چيو ته اسان جي آبادين کي گهٽ ڪري ڳڻپ آندو پيو وڃي. اسان کي اسان جي آبادي موجب نمائندگي نه پئي ڏني وڃي. من پسند ضلعن ۽ شهرن جي آبادي کي جاتي واڌي وڌيڪ ڳڻپ آندو پيو وڃي. ڪراچي جو گروٿ ريٽ 4.10 سيڪڙو جڏهن ته پاڪستان جو 2.5 سيڪڙو آهي.

بقايا 17 ***

۽ مهانگائي خلاف ريلي به ڪڍي وئي. مانسهره ۾ به واپارين جي سڏ تي مڪمل شٽرڊائون هڙتال ڪئي وئي، شهر سميت سڄي ضلعي ۾ سمورا ڪاروباري مرڪز بند رهيا. واپاري برادري جي وڏي انگ احتجاج جي لاءِ مرڪزي چوڪ کان واپڊا جي آفيس تائين ريلي ڪڍي ۽ آفيس جي ٻاهران ڌرڻو هڻي ڪامره ڪينٽ ۾ ڇڇڇهه جي علائقي ۾ بجلي جي بلن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين ظالماڻي ٽيڪس جي خاتمي تائين بل جمع نه ڪرائڻ جو اعلان ڪيو مظاهرين غريب تي ظلم بند ڪريو ۽ سول نافرماني جا نعرا لڳايا.راولپنڊي ۾ سوين شهرين بڪرا پڙي آئيسڪو گرڊ اسٽيشن جو گهيراءُ ڪيو ۽ بجلي جي بلن کي باهيون ڏنيون. شهرين حڪومت جي خلاف نعريبازي ڪئي انهن چيو ته بلز ۾ ٽيڪس جي نالي تي اسان جو رت چوسيو پيو وڃي. مظاهرين چيو ته هو بل جمع ڪرائيندا سين نه گهرن مان بجلي ڪٽڻ ڏينداسين. احتجاج سبب روڊ بلاڪ ٿي ويو ۽ گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون. چارسده ۾ اي اين پي جي احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ حڪومت ۽ واپڊا خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي. مقررين چيو ته خيبرپختونخواهه ۾ بجلي بائيدل مان پيدا ٿي رهي آهي ان جي باوجود بجلز ۾ فيول ايڊجسٽمنٽ وصول ڪئي پئي وڃي.

بقايا 18 ***

مختلف ضلعن باجوڙ، اپر دير، چترال، مردان ۽ مالا ڪنڊ ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا آهنشبدر، مهمند ۽ ٻين علائقن ۾ به زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا. زلزلي جي شدت 5.2 ۽ اونهائي 82 ميٽرز رڪارڊ ڪئي وئي.

بقايا 19 ***

ٽير سپاٽي کان قذافي اسٽيڊيم لاهور ۾ پريڪٽس جي شروعات ڪندي. ان جو پهريون مقابلو بنگلاديش سان 3 سيپٽمبر تي ٿيندو.

بقايا 20 ***

رهي آهي جنهن ۾ هو مودي کان مطالبو ڪندي نظر اچي رهيو آهي ته چندريان 3 جي ڪاميابي کان پوءِ هندستان کي گهرجي ته چنڊ کي هندستان جو صوبو بڻايو وڃي،سوامي چڪراپاڻي اهو به چيو آهي ته چنڊ کي هندو سلطنت جو حصو قرار ڏيڻ لاءِ انڊين پارليامينٽ مان هڪ باضابطه طور تي قرارداد پاس ڪرائي وڃي. پارتي ميڊيا جي رپورٽن موجب هندو مهاسڀا جي قومي صدر سوامي چڪراپاڻي مهاراج مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته چنڊ کي هندو سلطنت قرار ڏيڻ کان علاوه چندريان 3 خلائي جهاز جي لينڊنگ واري سائيٽ کي به پارت جي راڄڌاني وارو شهر قرار ڏنو وڃي.رپورٽن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سوامي چڪراپاڻي هڪ نجومي سان گڏ سياستدان به آهي جيڪو پنهنجي نامناسب ۽ تڪراري بيانن سبب تمام گهڻو مشهور آهي.

بقايا 21 ***

موجب هڪ طرف سڄي ملڪ ۾ عوام بجلي جي گرن بلن خلاف سراپا احتجاج آهي مختلف شهرن ۾ مظاهرن ۽ احتجاج جو سلسلو جاري آهي ته ٻئي طرف بجلي جي ورهاست ڪندڙ ڪمپنين جا آفيسر مفت بجلي جي مزا ماڻي رهيا آهن. پاور ڊويزن جي ذريعن انڪشاف ڪيو آهي ته سرڪاري بجلي ڪمپنين جي آفيسرن کي ساليانو 13 ارب روپين جي بجلي مفت ڏني پئي وڃي. صرف گريڊ هڪ کان 4 گريڊ جي ملازمن کي 100 يونٽ بجلي مفت ڏني ويندي آهي جڏهن ته 1 کان 4 گريڊ جي ملازمن کي رٽائرمينٽ کان پوءِ به ماهوار 50 يونٽ فري بجلي ڏني ويندي آهي. ذريعن ٻڌايو آهي ته 5 کان 10 گريڊ جي آفيسرن کي 150 يونٽ مفت ڏنا پيا وڃن جڏهن ته 11هين کان 15هين اسڪيل تائين آفيسرن کي 200 يونٽ مفت ملندا آهن ۽ رٽائرمينٽ کان پوءِ 11هين کان 15هين اسڪيل تائين رٽائرڊ آفيسرن کي 100 يونٽ ماهوار ملندا آهن.پاور ڊويزن جي ذريعن موجب 16هين اسڪيل جي آفيسرن کي 300، 17هين کي 450 يونٽ فري ملندا آهن. 18هين گريڊ جي آفيسرن کي 600 يونٽ بجلي مفت ڏني ويندي آهي جڏهن ته 19هين گريڊ جي آفيسرن کي 880، 20هين گريڊ جي آفيسرن کي 1110 يونٽ جڏهن ته 21 ۽ 22هين گريڊ وارن ملازمن کي 1300 يونٽ ماهوار مفت ڏنا ويندا آهن ذريعن ٻڌايو آهي ته گريڊ 17 کان مٿي جي آفيسرن جي مفت يونٽ بند ڪرڻ جي سمري تيار ٿي چڪي آهي. انهن آفيسرن کي يونٽس جي برابر پئسا پگهار ۾ ڏنا ويندا. پاور ڊويزن جي ذريعن ٻڌايو ته سمري ڪابينه ڏانهن موڪلي پئي وڃي، ڪابينه جي منظوري کان پوءِ اها سهوليت ختم ڪئي ويندي.

بقايا 22 ***

جي نيت ٺي نه هئي، هو فرعون هو. چوندو هو جنهن جي دل ڪري هليو وڃي مون کي ڪا ڳڻتي ناهي، سنڌس چوڻ هو خيبر پختونخواهه ۾ حڪومت رڳو منهنجي ذاتي ڪوششن سان ٺهي. ڪي پي جي حڪومت ۽ تحريڪ انصاف جو ڪو ڪريڊٽ نه هو ڪي پي جي چيئرمين مون لاءِ ڪيترائي واعدا ڪيا پر ڪوبه پورو ڪين.

بقايا 23 ***

دير، اپرڊير، لوئرڊير، باجوڙ ضلعن ۾ مڪاني چونڊن جي لاءِ پولنگ ٿي. مڪاني چونڊن لاءِ 256 پولنگ اسٽيشن قائم ڪيا ويا هئا.غير حتمي غير سرڪاري نتيجن موجب خيبرپختونخواهه ۾ 72 سيٽن تي ٿيندڙ مڪاني چونڊن ۾ آزاد اميدوارن جي وڏي انگ ڪاميابي حاصل ڪري ورتي. آزاد اميدوار 40 سيٽون کڻي ۾ ڪامياب ٿي ويا. جڏهن ته پاڪستان تحريڪ انصاف 14 سيٽن تي ڪاميابي حاصل ڪئي.جڏهن ته جي يو آءِ 6 سيٽون کٽي ورتيون. جماعت اسلامي 5 ۽ عوامي نيشنل پارٽي 4 سيٽون کٽڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. جڏهن ته پيپلزپارٽي کي 2 ۽ ن ليگ کي 1 سيٽ تي ڪاميابي ملي.

بقايا 24 ***

ولي ڇڏيو گرفتار ڪيل 5 ئي ڄڻن جا ڊي اين اي سيمپل ورتا ويا. پوليس حويلي مان شوڪت علي عباسي، واجد علي گهانگهرو، اڪرم لاشاري، سڄڻ جوڳي ۽ مهر الدين ونڊير کي گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب حراست ۾ ورتل 5 ئي ڄڻا حويلي جا ملازم آهن. پوليس هيل تائين ڪيس ۾ گرفتار ڪيل مک جوابدار اسد شاهه سميت 16 ڄڻن جا ڊي اين اي سيمپل وٺي چڪا آهنجوابدارن جا سيمپل مقتول ٻارڙي فاطمه جي ورتل نمونن سان ميچ ڪري ڏٺا ويندا. فاطمه قتل ڪيس جي مک جوابدار حنا شاهه ۽ سنڌس پيءُ فياض شاهه اڃا روپوش آهن

بقايا 25 ***

جي درخواست تي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌائي ٿي، عدالت نيب کي مڪيش ڪمار کي گرفتار ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو عدالت اڳوڻي صوبائي وزير مڪيش ڪمار جي 12 سيپٽمبر تائين حفاظتي ضمانت منظور ڪري ورتي آهيعدالت مڪيش ڪمار چاولا کي نيب جي انڪوائري ۾ مڪمل سهڪار ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. مڪيش ڪمار جي وڪيل چيو ته نيب 26 آگسٽ تي اڳوڻي صوبائي وزير مڪيش ڪمار جي گهر تي ڇاپو هنيو آهيجستس ڪي کي آغا بچائو ڪيو ته مڪيش ڪمار جو نالو ڪهڙي انڪوائري ۾ شامل آهي؟ وڪيل منير ان ملڪ چيو ته في الحال نيب مڪيش ڪمار چاولا کي نيب جاري ناهي ڪيو آهيوڪيل چيو ته ايڪسائيز کاتي جي ڊپٽي سيڪريٽري ۽ پرائيويٽ سيڪريٽري کي نوٽيس جاري ڪري ان ۾ مڪيش ڪمار جو نالو شامل ڪيو ويو آهي. خدشو آهي مڪيش ڪمار چاولا کي گرفتار ڪيو ويندو عدالت نيب اختيارين کان مڪيش ڪمار چاولا خلاف هلندڙ انڪوائري جا تفصيل ايندڙ ٻڌڻي تي پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو واضح رهي ته نيب ايڪسائيز کاتي جي اڳوڻي وزير مڪيش ڪمار چاولا، سنڌس والد. امڙ، ڌيءَ، ڀائرن ۽ ڀينرن سميت 40 کان وڌيڪ ماڻهن کي نوٽيسز جاري ڪيا هئامڪيش ڪمار چاولا نيب انڪوائري واري معاملي تي موقف ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيومڪيش ڪمار جي وڪيل حيدر علي موجب اسان کي ميڊيا ذريعي ڪال اپ نوٽيس جي خبر پئي، گهرن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن، ميڊيا ذريعي مليل نوٽيس ۾ اسان جو نالو ضرور آهي پر اسان کي موڪليو ناهي ويومڪيش جي وڪيل ٻڌايو ته انڪوائريز ۾ گرفتار ڪرڻ ڪري سگهجي ٿو جڏهن توهان کي ڪال اپ نوٽيس موڪليو هجي ۽ اسان سهڪار نه ڪيو هجي. گهرن تي چاپا هڻڻ جو حراسان ڪرڻ آهي. جيڪڏهن ڪال اپ نوٽيس ايندو ته اسان سهڪار ڪنداسين

بقايا 26 ***

بند ٿيو هو هوڏانهن اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جو اگهه هڪ ريپيو وڌڻ سان 315 رپيا ٿي ويو آهي.

بقايا 27 ***

چيو ته جيڪڏهن هو ايندڙ اجلاس ۾ نه آيو ته گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويندا.سينيٽ جي توانائي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس چيئرمين سيف الله ابڙو جي صدارت ۾ ٿيو جنهن ۾ ڪي اليڪٽرڪ سي اي او مونس علوي جي غيرحاضري تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ڪميٽي چيو ته جيڪڏهن هو ايندڙ اجلاس ۾ نه آيو ته سنڌس گرفتاري وارنٽ جاري ڪنداسين.ڪميٽي چيئرمين وارننگ ڏني ته ائين نه ڪيو، اسان وٽ اختيار آهن ۽ اسان وارنٽ پاڻ آئي سگهون ٿا. ڪي اليڪٽرڪ اختيارين چيو ته بلن جي معاملي تي ڪراچي جون حالتون خراب آهن. تنهن ڪري سي اي او نه اچي سگهيو. جيڪڏهن اهڙي صورتحال نه هجي ها ته هو اچي ها. ڪميٽي ميمبر فدا محمد چيو ته توهان جو سي اي او ان کان اڳ ڪڏهن ڪميٽي ۾ آيو آهي؟ اهو ته ان جو معمول آهي. ڪميٽي چيئرمين چيو ته ڪي اليڪٽرڪ جو معاملو هر حال ۾ بحث هيٺ ايندو. اسان کي سي اي او صاحب جي مصروفيتن جي خبر آ ته ڪٿي هوندا آهن. ايندڙ اجلاس ۾ نه آيو ته گرفتاري وارنٽ جاري ٿيندا.

بقايا 28 ***

جا الزام آهنا عجاز خاصخيلي حنا شاهه کي فرار ڪرائڻ بعد روپوش ٿي ويو هو. اڄ صبح جو پوليس رانيپور جي حويلي مان 5 جوابدارن کي وڌيڪ 6 شڪي جوابدارن کي به حراست ۾ ورتو گرفتار ڪيل 11 ئي ڄڻن جا ڊي اين اي سيمپل ورتا ويا.پوليس پاران حويلي مان گرفتار ڪيلن ۾ شوڪت علي عباسي، واجد علي گهانگهرو، اڪرم لاشاري، سڄڻ جوڳي ۽ مهر الدين ونڊير شامل آهنپوليس پاران حراست ۾ ورتل شڪي جوابدارن ۾ ساجد شاهه، آفتاب علي ۽ لياقت شيخ به شامل آهنپوليس هيل تائين گرفتار ڪيل مڪ جوابدار اسد شاهه سميت 22 ڄڻن جا ڊي اين اي سيمپل وٺي چڪي، جوابدارن جا سيمپل مقتول ٻارڙي فاطمه جي ورتل نمونن سان ميچ ڪري ڏٺا ويندا،مک جوابدار حنا شاهه ۽ سنڌس پيءُ فياض شاهه اڃا روپوش آهن

بقايا 29 ***

۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو يونيورسٽي لاڙڪاڻو جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر نصرت شاهه ۽ ايس آءِ يو ٽي جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر انور نقوي مفاهمتي ياداشت تي صحيحون ڪيون. مفاهمتي ياداشت تي تحت ايس آئي يو ٽي SIUTجاڏنڊا ميڊيڪل ڪاليج ۾ تعمير هيٺ عمارت کي مڪمل ڪري اسڪيٽ آف دي آرٽ سرجيڪل ڪمپليڪس کي گردن جي ٽرانسپلانٽيشن لاءِ جديد روبوٽس فراهم ڪندو ۽ روبوٽڪس سرجري يونٽ کي هلائيندو. ان موقعي تي نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز بنهي ادارن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو هن چيو ته جديد روبوٽڪ سرجيڪل ڪمپليڪس جي تعمير ۽ قيام سان خاص ڪري لاڙڪاڻي ۽ ڀرپاسي جي ضلعن جي مريضن کي علاج ۽ آپريشن جي آسان ۽ سستي سهولت فراهم ٿيندي.

بقايا 30 ***

ڪميٽي جوڙي ڇڏي آهي.صحت کاتي پاران اسپتال ۾ لاپرواهي تي 3 رڪني انڪوائري ڪميٽي جوڙي وئي آهي. ڊاڪٽر شهاب الدين جي سربراهي ۾ ڪميٽي سپائي جاچ شروع ڪندي. نوٽيفڪيشن موجب ڪميٽي 5 ڏينهن اندر جاچ ڪري رپورٽ پيش ڪندي.

بقايا 31 ***

بابت تفصيلي خيال جي ڏي وٺ ڪئي. ملاقات سي اي او واٽرڪارپوريشن پاران صحت واري نگران صوبائي وزير کي نيگليريا جي روڪٿام لاءِ ڪلورنيشن جي عمل بابت تفصيلي بريفنگ ڏنيڊيپوٽي واٽرڪارپوريشن نيگليريا جي روڪٿام لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهي آهي. صحت واري عالمي اداري پاران مقرر ڪيل معيار ۽ مقدار موجب شهرين کي فراهم ڪيل پاڻي ۾ ڪلورين جي گهربل مقدار شامل ڪئي پئي وڃي. هن ٻڌايو ته واٽرڪارپوريشن جي سمورن فلٽر پلانٽن مان مسلسل 24 ڪلاڪ پاڻي ۾ ڪلورنيشن ملائي ويندي آهي ۽ ان سلسلي ۾ روزاني جي بنياد تي لاڳاپيل آفيسر مختلف فلٽر پلانٽس ۽ پمپن تنصيبات جا دورا ڪري ڪلورنيشن جي عمل کي مڪمل طور تي چيڪ ڪندا. ان موقعي تي صحت واري نگران صوبائي وزير ٻاران سي اي او واٽرڪارپوريشن ٻاران ڪراچي واٽر ايند سيوريج ڪارپوريشن بابت ڏنل بريفنگ تي عدم اعتماد جو اظهار ڪندي ان ٻاران ڪيلڪوشش کي ساراهيو ۽ اصلاحي اپجنڊا کي اڳتي وڌائڻ لاءِ پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ تي زور ڏنو

بقايا 32 ***

صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ کي مسئلن بابت پڻ آگاهي ڏني. شرجيل انعام ميمڻ عوام کي يقين ڏياريو ته ڪين مسئلا جلد حل ڪيا ويندا. هن چيو ته عوام ايندڙ چونڊن ۾ به پيپلز پارٽي کي ئي ڪامياب بڻائيندو. پيپلز پارٽي ئي واحد پارٽي آهي جيڪا عوام جي اميدن تي پورو لهي سگهي ٿي.

بقايا 33 ***

آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي احتجاج ۾ موجود ملازمن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان مسلسل اي او بي آءِ آفيس آڏو احتجاج ڪري رهيا آهيون. اسانجي احتجاج کي ناڪام ڪرڻ جي لاءِ پوليس ۽ رينجرز جو سهارو ورتو پيو وڃي. چيئرپرسن اي او بي آءِ وٽ تمام رولنگ اسٽيبلشمينٽ جو ليٽر ڪڻي ويا آهيون پر هن جي رويي سبب ڏهن سالن کان 350 خاندان جو هن مهانگائي جي وقت ۾ گذارو مشڪل بڻجي ويو آهي، چيئرپرسن اي او بي آءِ ڏمڪي ڏئي رهي آهي ۽ ڇئي رهي آهي ته مان ڪنهن به رولنگ کي نٿي مڃان. ڪنهن به پارليامينٽ کي نٿي مڃان جيستائين ادارو مونکي شوٽ نه ڏيندو تيستائين ڪجهه به نه ٿيندو توهان آفيس ٻاهران جيڪي به ملازم احتجاج پيا ڪيو توهان سڀني تي مٿان ڪيس داخل ڪيا ويندا. اڳواڻن خطاب ڪندي وڌيڪ چيو ته چيئرپرسن اي او بي آءِ غلط بياني ڪندي سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ اسان ملازمن خلاف غلط رپورٽ جمع ڪرائي اعليٰ عدالت کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جڏهن ته سپريم ڪورٽ آف پاڪستان مان اسان خلاف فيصلو اچڻ بعد اسان هن کي قبول ڪيو ڇو ته اسان باشعور عوام آهيو انڪري عدالتي وقار کي پائمال نٿا ڪري سگهون. ڇو ته اسان پنهنجي عدالتن جي مرڻ دم تائين عزت ڪندا رهنداسين. ان بعد جڏهن پارليامينٽ سان اسان ملازمن جي حق ۾ رولنگ اچي چڪي آهي ته چيئرپرسن اي او بي آءِ جوائننگ نه ڏئي اسان سان سراسر ناانصافي ڪري رهي آهي. ملازمن اڳوائن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته اسان چيئرپرسن اي او بي آءِ کي ٻڌي ڪري ڇڏيون جي لاءِ تيار هئاسين چيئرپرسن ڪابه شئي ڏسڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو انهن اعلي اختيارن کان مطالبو ڪندي چيو ته چيئرپرسن ڪنهن به قانون کي نٿي مڃي، اهڙن ڪرپٽ آفيسرن کي عوامي سيٽ تي ويهڻ جو ڪو حق ناهي اهڙي آفيسرن کي هٽايو وڃي اسان پرزور مطالبو ٿا ڪيون ته جيستائين چيئرپرسن اي او بي آءِ کي نه هٽايو ويندو تيستائين اسانجي جدوجهد جاري رهندي ۽ اسان پنهنجا حق وٺي رهنداسين. جيڪڏهن اسان کي پنهنجو حق نه ڏنو ويو ۽ جوائننگ نه ڏني وئي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو اي او بي آءِ ملازمن جي احتجاج کي فاروق شبير، عقيل شاهه، مقيط پيرزادا، واجد وسيم، نسيم شيخ ۽ ٻين اڳوائن خطاب ڪيو

بقايا 34 ***

مختلف ضلعن باجوڙ، اپر دير، چترال، مردان ۽ مالا ڪنڊ ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا آهنشبدر، مهمند ۽ ٻين علائقن ۾ به زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا. زلزلي جي شدت 5.2 ۽ اونهائي 82 ميٽرز رڪارڊ ڪئي وئي.

بقايا 35 ***

رهي آهي جنهن ۾ هو مودي کان مطالبو ڪندي نظر اچي رهيو آهي ته چندريان 3 جي ڪاميابي کان پوءِ هندستان کي گهرجي ته چنڊ کي هندستان جو صوبو بڻايو وڃي،سوامي چڪراپاڻي اهو به چيو آهي ته چنڊ کي هندو سلطنت جو حصو قرار ڏيڻ لاءِ انڊين پارليامينٽ مان هڪ باضابطه طور تي قرارداد پاس ڪرائي وڃي. پارتي ميڊيا جي رپورٽن موجب هندو مهاسڀا جي قومي صدر سوامي چڪراپاڻي مهاراج مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته چنڊ کي هندو سلطنت قرار ڏيڻ کان علاوه چندريان 3 خلائي جهاز جي لينڊنگ واري سائيٽ کي به پارت جي راڄڌاني وارو شهر قرار ڏنو وڃي.رپورٽن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سوامي چڪراپاڻي هڪ نجومي سان گڏ سياستدان به آهي جيڪو پنهنجي نامناسب ۽ تڪراري بيانن سبب تمام گهڻو مشهور آهي.

بقايا | سنڌيار | 01

مٿان تيز رفتار ويگو چڙهي وئي جنهن جي نتيجي ۾ ڳوٺ چوهدري غني جو رهواسي موٽر سائيڪل سوار 12 ورهين جو حشر باجوا موقعي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته سندس والد جنيد باجوا ۽ ڀاءُ پولو باجوا سخت زخمي ٿي پيا لاش ۽ زخمين کي ٽنڊو هيلٿ سينٽر تي آندو ويو جتي ضروري ڪارروائي ڪانپوءِ لاش وارثن جي حوالي ڪيو ويو جڏهن ته زخمين کي علاج لاءِ داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ويگو گاڏي ۾ سوار نامعلوم ماڻهو واقعي کان پوءِ فرار ٿي ويا فوتي نينگر کي سوين آلين اکين سان ڳوٺ چوهدري غني لڳ بدين ۾ مٽي ماءُ جي حوالي ڪيو ويو ٽنڊو شهر پوليس واقعي جي رپورٽ داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

بقايا | سنڌيار | 02

انهن جي تحفظ ۾ رڌل رهيون آهن. اهڙو اظهار سماج سڌارڪ ضيا پٽي سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر جي هفتيواري دستوري گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو. ان موقعي تي برک نقاد سجل پٽي دلبر پٽي اسد اعوان مجيد نواز مغل ۽ عبدالرحمان گڏاڻيءَ برک ڪهاڻيڪار پروفيسر منظور بيدار جي لکيل ڪهاڻي تي تنقيدي رايا ڏيندي چيو ته پروفيسر منظور بيدار سنڌي ٻوليءَ جو مڃيل ڪهاڻيڪار آهي. سندس هر ڪهاڻي ۾ واضح سبق ملي ٿو ۽ هو نج سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ڪري عام فهم انداز ۾ پنهنجو مثبت موقف بيان ڪري ٿو. سندس اڄوڪي ڪهاڻي حويلين جا پول پڌرا ڪري پئي، هن ڪهاڻي ذريعي واضح طور ترقي پسنداڻي سوچ جو اظهار ڪندي هڪ شفاف ۽ انسانيت ڀري معاشري جي قيام جو آڌيو ڏنو آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌي اديب پنهنجن فرضن کان غافل ناهي هو سنڌي عوام جي مسئلن کان پاڻ کي لاتعلق نٿو سمجهي، گڏجاڻيءَ ۾ ٺهراءِ پاس ڪري معصوم نينگري فاطما سان جنسي زيادتي بعد ڪيس قتل ڪرڻ ۽ برک صحافي جان محمد مهر جي قتل تي ڏک ظاهر ڪري وارثن سان تعزيت ڪئي وئي، سکر جي قديمي سنڌي ميڊيم اسڪول گورنمينٽ هاءِ اسڪول ون کي واپس سنڌي ميڊيم ڪرڻ واري حڪم نامي تي اسڪول جي هيڊ ماسٽر پاران عمل نه ڪرڻ جي مذمت ڪئي وئي، سڌر جي غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج کي ميڊيڪل يونيورسٽي جو درجو ڏيڻ ۽ تازو ڪنب ۾ 8 سالن جي نينگري زهرا سيال سان جنسي زيادتي جي مذمت ڪندي واقعي جي شفاف جاچ ڪرائڻ جي گهر ڪئي وئي.

بقايا | سنڌيار | 03

جوچوڻ هو ته ننڍڙي فاطمه کي تيز بخار ٿي پيو جنهن جي علاج لاءِ ڪيس پاڙي جي ڊاڪٽر هدايت الله ميمڻ ڏانهن کڻي وياسين جتي ڊاڪٽر ننڍڙي ڀاٽي فاطمه کي انجيڪشنون لڳايون جنهن ڪانپوءِ سندس جسم تي ڳاڙها نشان الرجي جا ظاهر ٿيا ۽ طبيعت بگڙجندي وئي جنهن بعد ڊاڪٽر اسان کي لاڙڪاڻي ڊاڪٽر سيف الله چامڙو ڏانهن موڪليو جيڪو نه هجڻ تي اسان ننڍڙي کي شيخ زيد چلڊرن اسپتال کڻي وياسين جتي سندس مختلف ٽيسٽون ڪرايون ويون. هن الزام هڻندي چيو ته اسان جي معصوم ٻارڙي ڊاڪٽر هدايت الله جي ڪوتاهي سبب فوت ٿي آهي جنهن خلاف ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي. ٻئي طرف الزام هيٺ آيل ڊاڪٽر هدايت الله ميمڻ جوچوڻ هو ته منهنجي مٿان غفلت جا الزام اجايا آهن ڇاڪاڻ ته ڪير به ڊاڪٽر نه چاهيندو ته ان جو مريض موت جو ڪاچ ٻڌجي. ننڍڙي فاطمه کي شديد قسم جي مليريا هئي جنهن کي مون وٽ علاج لاءِ آندو ويو جتي مون ننڍڙي کي ٿڌيون پٽيون رکرائي ڏيڍ ڪلاڪ تائين ٽيمپريچر نارمل ڪرايو جنهن بعد ڪيس علاج ڏنو ته جيئن ننڍڙي جي رڪوري ٿي سگهي. مليريا سبب ننڍڙي کي ڳاڙها داڳ ظاهر ٿيا ۽ جهٽڪا به لڳي رهيا هئا جنهن تي مون وارثن کي وڌيڪ علاج لاءِ لاڙڪاڻي ريفر ڪري موڪلرايو جتي نينگري اسپتال ۾ فوت ٿي آهي. وارثن جا منهنجي مٿان ڪوتاهي جا الزام بي بنياد آهن.

بقايا | سنڌيار | 04

مهر، ڊسٽرڪٽ بار جي صدر اياز مري، سينيئر وڪيل اشفاق احمد ٽگر، اڳوڻو صدر رحيم عباسي، تعلقي ڪنڊيارو جي صدر مليرخان مگريو، اڳوڻي تعلقي ناظم سيد امير علي شاه سميت وڪيلن جي هڪ وڏي انگ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي صوبائي وزير محمد عمر سومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ضلعي جي مختلف بار کي ليپ ٽاپ، انٽرنيٽ ڪنيڪشن ۽ پي ايل ڊي ڪنيڪشن ڏيڻ جو اعلان ڪيو ڪراچي بار ۾ مليربار وانگر نوشهروفيروز بار کي ساڳيا نو ايڪڙ مين وڪيلن جي رهائشي ڪالوني لاءِ ڏياري ويندي هن چيو ته شهيد فاطمه فرڙو جي جوبدارن کي منتقي انجام تائين پهچايو ويندو ۽ شهيد صحافي جان محمد مهر جا جوابدار ڪچي ۾ فرار ٿيل آهن جن لاءِ سي ايم سان ڳالهه ٿي آهي ڪچي ۾ آپريشن ٿيڻ ضروري آهي، ان کان اڳ پنڊال کي خطاب دوران صوبائي وزير چيو ته سڀ ڪو اهو سمجهي ٿو ته اسان ٽن مهينن لاءِ نه آيا آهيون اهي ڇهه مهينا به ٿي سگهن ٿا پر مان پنج سال سمجهي ڪم ڪري رهيو آهيان جڏهن پنڊال ۾ پهچڻ وقت صوبائي وزير جو وڪيلن پاران گلن جيو رڪا ڪري شاندار استقبال ڪيو ويو

بقايا | سنڌيار | 05

انجي باوجود به سرعام منشيات هلائي رهيو آهي منشيات سبب نوجوان نسل تباه ۽ برباد ٿي رهيو آهي مان منشيات خلاف آواز بلند ڪيو ته بااثر شخص منهنجي اچڻ وڃڻ جي گهٽي به بند ڪري ڇڏي آهي هن وڌيڪ چيو ته مان ڪافي درخواستو منشيات خلاف پوليس کي ڏنيون آهن مگر هن مهل تائين پوليس ڪجه به نه ڪيو آهي هن ايس ايس پي خيرپور ۽ ڊي آءِ جي سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي ايڪشن وٺي ڳوٺ حاڪم رتڙ مان منشيات جو آزار ختم ڪري نوجوان نسل کي تباه ۽ برباد ٿيڻ کان بچايو وڃي

بقايا | سنڌيار | 06

جي ڪوٽ ۽ مبينا ڪرپشن خلاف ايس يو پي ڪارڪنن تحريڪ جي ٻئي مرحلي ۾ وزير اعليٰ سنڌ، چيف سيڪريٽري سنڌ، سيڪريٽري هيلٿ، ڊي جي هيلٿ حيدرآباد ڊي ايڇ او جامشورو محتسب اعلي انساني حقن جي تنظيمن کي لکت ۾ ياداشتنامون پيش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ايس يو پي تعلقه صدر علي نواز ڪنير بشير احمد ميمڻ گلشير ڪوسو لياقت ملاح ۽ ٻين گڏجاڻي بعد ميڊيا کي ٻڌايو ته اسپتال ۾ ڊاڪٽرن اسپيشلسٽ ڊاڪٽرن ليڊي ڊاڪٽرن جي ڪوٽ آهي گائني وارڊ ايمرجنسي وارڊ اکين جي وارڊن ۾ ڪوبه فرنيچر ۽ عملو مقرر ناهي ڪيو ويو الٽرا سائونڊ ايڪسري ۽ ڪيميسٽري ٽيسٽن جي ڪابه سهولت ميسر ناهي دوائون نقلي ڪمپنين کان خريد ڪري لکين روپيا ڪميشن ڳاهي وڃي ٿي انگ اکرن ذريعي ڪوڙا بل ڳاهي وڏي ڪرپشن ڪئي پئي وڃي گذريل وڏي عرصي کان مقرر اڪائونٽنٽ بااثر هئڻ سبب ايم ايس ۽ ڊاڪٽر پي وس رهن ٿا فوري طور سندس خلاف انڪوائري ويهاري وڃي

بقايا | سنڌيار | 07

پڙهندي سنڌ.... ته وڌندي سنڌ.... جا نعرا هڻيا ويا. ريلي ۾ مردن، عورتن ۽ اسڪول جي ٻارن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ايس آءِ ايف اداري جي طرفان راجيش ڪمار ڪيسائي ۽ ميڊم سمرين پڻ شرڪت ڪئي. سمرين چيو ته اسان راجوڙو يوسي جي گورنمينٽ جي پرائمري اسڪولن ۾ تعليم تي ڪم ڪري رهيا آهيون. ايس آءِ ايف پنهنجي وس آهر تعليم جي بهتري لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهي آهي توهان والدين کي گذارش آهي ته پنهنجي نياڻين کي تعليم ڏياريو انهي جو مستقبل برباد نه ڪيو اسان گورنمينٽ جي اسڪولن ۾ واشروم، ٻارن جي لاءِ جهولا پڻ لڳايا آهن هن وڌيڪ چيو ته اسان يوسي راجوڙو جي سيني استادن کي ملٽي گريڊ ٽيچرس ٽريننگ ڪرائي آهي ۽ انهي سان گڏ هر ٻار کي سکيا جو سامان پڻ ڏنو آهي، اسان 60 اسڪولن ۾ مختلف قسم جا چارٽ ۽ اسڪول ۾ وائيٽ بورڊ، جيوميٽري باڪس، نقشا، بورڊ مارڪر، ڪلر شيٽ ۽ ورلڊ گلوب پڻ ڏنا آهن انشاءالله ايس آءِ ايف مستقبل ۾ به تعليم جي بهتري لاءِ جاڪوڙ ڪندي رهندي ريلي کان پوءِ وڻ لڳائڻ واري مهم جي شروعات ڪئي ۽ هر اسڪول ۾ 30 وڻ ڏنا ويا جنهن ۾ نم، سونهاجڙو، پپل، ٻڙ ۽ جنگل جليبي جا وڻ شامل هئا

بقايا | سنڌيار | 08

ٽولي جو قبضو اسڪول جي بلڊنگ ڊاهي پٽ ڪري ڇڏي ڪيترائي معصوم ٻارڙا تعليم جي زيور کان محروم ٿيڄي ويا جماعت اسلامي جي واقعي خلاف مزمت اڳوائن جو واقعي واري هنڌ دوروان موقعي تي جماعت اسلامي پبلڪ ايڊ ڪميٽي بلديا ٽائون جي صدر اشفاق حسين، جنرل سيڪريٽري ياسر حيات، سينيئر اڳواڻ الله داد جماعت اسلامي مواچ ڳوٺ جي اڳوڻ مزمل مير ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته تعليم دشمنن اسڪول تي قبضو ڪري معصوم ٻارڙن کي تعليم جي زيور کان محروم ڪيو آهي هنن چيو ته قبضا مافيا اسڪول جي بلڊنگ ڊاهي پٽ ڪري ڇڏي آهي جنهن تي ڊي او ڪياماڙي ڪوبه هوتو نه بيوپاري اڳوائن چيو ته قبضا مافيا ٽولي کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين هنن چيو ته جماعت اسلامي ان واقعي جي سخت لفظن ۾ مزمت پڻ ڪري ٿي ۽ اعلي عملدارن کان مطالبو ڪيون ٿا ته اسڪول جي بلڊنگ ڊاهيندڙ قبضا مافيا ٽولي کي پڪڙ ڪري ڪيس خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسڪول ۾ پڙهندڙ معصوم ٻارڙن جو مستقبل بچايو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 09

حراسمنٽ ڪندو رهيو والد پاران 12 سال اڳ ڪيس ملڪيت مان عاق ڪيو هو پر پوءِ به اسان کان ملڪيت جي حصي کان وڌيڪ رقم جا پنڌرهن لک روپيا به وٺي چڪو آهي ان باوجود جمعي ڏينهن 25 آگسٽ تي گهر ۾ داخل ٿي مونکي ۽ گهروارن کي تشدد جو نشانو بڻايو ۽ ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني جنهن بعد ڏهه هزار روپيا زبردستي وٺي هليو ويو محمد امين شيخ نشي ۾ سمورا پئسا خرچ ڪري ڇڏيا آهن ۽ هاڻي اسان پاڻ خاص طور مونکي ٽارگيٽ بڻائيندي سوشل ميڊيا تي غلط پوسٽون رکي بليڪ ميل ڪري پيو ظالم ڀاءُ امين شيخ جيڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي، غلام حيدر شيخ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي سکر ۽ ٻين اختيارن کي اپيل ڪئي آهي ته نشئي ظالم ڀاءُ محمد امين ولد سرور شيخ خلاف ڪارروائي ڪرائي انصا ۽ تحفظ ڏياريو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 10

ويا جنهن جي خلاف استادن ڪلارڪن ۽ ملازمن احتجاجي مظاهرو ڪيو هن موقعي تي آپڪا جي صدر الهڏنو سمون چيو ته بدين ۾ بدامنيءَ جي ڪري ماڻهو سخت پريشان آهن ڏينهن ڏٺي جوچورين مان معلوم ٿئي ٿو ته قانون جو هاڻ ڪو خوف نه رهيو آهي هن آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته بدين ۾ چورين جي وڌندڙ وارداتن جي خلاف قدم کڻي قادر بخش پٽي جي موٽر سائيڪل واپس ڪرائي وڃي ٻي صورت ۾ هو احتجاج جو سلسلو شروع ڪرڻ تي مجبور ٿيندا

بقايا | سنڌيار | 11

جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو ۽ انساني حقن جي تنظيمن، وس وارن کان مطالبو ڪيو ته پٽ کي بازياب ڪرايو وڃي نه ته احتجاج جاري رهندو

بقايا | سنڌيار | 12

هن موقعي تي دادو جي سماجي ٻارن جي حقن تي ڪم ڪندڙ ۽ تعليمي شخصيت وسيم ڪوڪر وڻ لڳايو ۽ ٻڌايو ته مان به هن ڪاليج جو شاگرد رهي چڪو آهيان. دادو ڪاليج ۾ وڻ هڻ واري ڪاوش تي پروفيسر پرنسيپال محمد عرفان ڪلهوڙو کي سلام ٿو پيش ڪيان، وڻڪاري سان ڪاليج جي سونهن وڌندي ۽ ماحول تي خوش گوار اثر پوندو. نم، ٽالهي، انب، ڪجي، مالٽو بير، پپر ۽ ليما سنڌ جي زميني ماحول لاءِ مفيد وڻ آهن انهن کي لڳايو وڃي، دادو شهر جي نالي واري سياسي سماجي شخصيت سردار رجب خان شاهاڻي ٻڌايو ته وقت جي ضرورت آهي ته سنڌ جي 30 ضلعن ۾ وڻڪاري مهم زور شور ڪئي وڃي جيئن ماحولياتي آلودگي کان بچي سگهجي، هن موقعي تي پروفيسر سڪندر لغاري، پروفيسر آصف ميمڻ، پروفيسر آفتاب لغاري پروفيسر رشيد احمد لغاري پروفيسر علي نواز پنهور پروفيسر اشفاق احمد ڪوڪر پروفيسر آصف جمالي پروفيسر عبدالجواد راهوجو ۽ پروفيسر اسلم زئونر پڻ وڻ لڳايا ۽ ڪاليج اندر باغ هڻڻ کي سارهايو. سماجي شخصيت ۽ ٻارن جي حقن تي ڪم ڪندڙ شخصيت عباس وگهيو هن موقعي تي وڻ لڳايو ۽ چيو ته دادو ڪاليج اندر وڻن جو تعداد ڏسي دل باغبهار ٿي وئي آهي. هن موقعي تي سماجي ڪارڪن عباس وگهيو چيو ته ڪاليج ۾ پڙهائي جو ماحول ڏسي ۽ هر طرف سر سبز ڏسي دل باغ باغ ٿي وئي، دادو ڪاليج جي پرنسيپال پروفيسر عرفان ڪلهوڙو ٻڌايو ته ڪنهن ملڪ جي ڪل آراضي جو 35 سيڪڙو ٻيلا هجڻ ضروري آهي ، برسانن جي پوڻ جو وڏو ذريعو زمين تي ساوڪ يا ٻيلا هجڻ آهي، بدقسمتيءَ سان پاڪستان ۾ 5.6 سيڪڙو ٻيلا موجود آهن جنهن ڪري ماحولياتي آلودگي وڌي آهي ۽ زير زمين پاڻي جا وهڪرا ڇهرا ٿي ويا آهن. گذريل 30 سالن کان RBOD ۽ LBOD جي مڪمل نه ٿيڻ ڪري ۽ مالي گوٽالين جي ور چڙهڻ ڪري منڇر جيڪا ايشيا جي مٺي پاڻي جي وڏي ڍنڍ آهي اڄ زهريلي مادن سان ڀرجي وئي آهي، پروفيسر عرفان ڪلهوڙي سنڌ حڪومت کان گهر ڪئي ته جلدي سنڌ ۾ نوان ٻيلا هنيا وڃن ۽ جن ماڻهن ٻيلا ڪٽائي قبضا ڪيا آهن انهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، جڏهن ته ڪيمائي پاڻيءَ ۽ گندي پاڻي جي نيڪالي لاءِ به چارٽي صوبا گڏجي ڪم ڪن.

بقايا | سنڌيار | 13

جولاش پراسرار طور ڳوٺ جي ساريال واري فصل مان مليو آهي، نوجوان اصغر مگسي پنهنجي ڀيءُ سان گڏ هني ٻاري جو ڪم ڪندو هو جيڪو 5 ڏينهن کان گم هو جنهن جي گمشدگي جي رپورٽ سندس والد مصري مگسي جي فرياد تي ڏڙو ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي هئي، نوجوان جي لاش ملڻ واري اطلاع تي ڏڙو پوليس جي ايس ايڇ او قربان عباسي پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو ۽ ڏڙو رورل هيلٿ سينٽر مان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو لاش جيئن ئي گهر پهتو ته ڪهرام مچي ويو نوجوان جي پوڙهي ڀيءُ ۽ امڙ کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا. ان موقعي تي نوجوان اصغر مگسي جي وارثن ٻڌايو ته اسان جي ڪنهن سان به دشمني ناهي، نوجوان هني ٻاري جو ڪم ڪندو هو ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن زهريلي ناڱ جي ڪکڻ يا زهريلي زرعي دوائن جي اثر سبب سندس موت واقع ٿيو هجي، هوڏانهن ڏڙو پوليس جي ايس ايڇ او قربان عباسي جو چوڻ آهي ته نوجوان جي پوسٽ مارٽم بعد ڪجه ٻڌائي سگهجي ٿو ته نوجوان جو موت ڪيئن ٿيو آهي، جنهن بعد وڌيڪ ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي.

بقايا | سنڌيار | 14

اڳواڻ. سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي ميمبر کي حج جي سعادت حاصل ڪرڻ تي سندس پراڻو سکر واري رهائشگاه تي پهچي ڪري مبارڪباد ڏنيون. ان موقعي تي مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ملاقات بعد اڳوڻي ايم اين اي شازيه صوبيه اسلم سومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ايندڙ چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي حڪومت ٺاهيندي پاڪستان پيپلزپارٽي وٽ عوام جي مسئلن ۽ انهن جا مسئلاحل ڪرڻ لاءِ ڪافي مهارت موجود آهي ۽ هاڻي پاڪستان جي معيشت جي هاتوڪي بگڙيل صورتحال کي سنڀالڻ تمام ڏکيو آهي پر چيئرمين پاڪستان پيپلزپارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان جي ٻڏندڙ معيشت جي کي بهتري طرف کڻي ويندو، عمران خان جي حڪومت پنهنجي دور حڪومت ۾ پاڪستان جي معيشت جو ٻوٽو ٻاري ڇڏيو جنهن سبب پاڪستان جو غريب عوام اڄ به پريشان آهي، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ ملڪ جي ترقيءَ لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهيا آهيون. ان موقعي تي ايس ايم سي ميمبر شهناز شيخ پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ جي سمورن ڪارڪنن جو شڪريو ادا ڪيو اڳوڻي ايم اين اي ڊاڪٽر شازيه صوبيه اسلم سومرو جي ٿورائتا آهيون جن منهنجي ۽ سيني عورتن جي همت افزائي ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 15

برادري پاران گڏجاڻي ٿي گڏري گڏجاڻي ۾ لغاري برادري سان تعلق رکندڙ استاد عرض محمد لغاري. استاد هدايت الله لغاري. پروفيسر حاجي قربان علي لغاري. نظر محمد لغاري. لياقت خاصخيلي. استاد غلام فريد لغاري. وڏيرو امير احمد لغاري سميت ڪافي لغاري برادري جي ماڻهن ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي سان تعلق رکندڙن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري استاد غلام شبير لغاري ۽ استاد حاجي ارشاد علي لغاري کي مبارڪون ڏنيون ان موقع تي استاد غلام شبير لغاري ۽ استاد حاجي ارشاد لغاري چيو ته اسان پيپلز پارٽي جي اعلا قيادت ڊويزنل صدر ۽ صوبائي صدر نثار احمد کهڙو ۽ ضلع خيرپور جي صدر ساجد علي خان ٻانيڻ جا ٿورا مڃيا ۽ جيئي ڀٽو جا زوردار نعرا هنيا

بقايا | سنڌيار | 16

هائوس ۾ کلي ڪچهري منعقد ڪئي جنهن ۾ جنهن ۾ اي سي آپريشنز سرڪل لاڙڪاڻو عبدالغفار ماڪا، ايڪسن آپريشن ڊويزن رورل ظهور احمد قريشي، آر او اعجاز احمد، ايس ڊي او ٽئون ديرو سجاد علي ميمڻ ۽ ٻيا شريڪ هئا جتي 100 کان وڌيڪ ماڻهن جون شڪايتون ٻڌيون ۽ انهن کي بجليءَ جي بلن ۾ درستگي ڪري ڏيڻ سان گڏ قسط ڪري ڏني ۽ بلن جي رهتن جي رقم مان ڪجهه رقم ڪٽوتي ڪري ڏني وئي ته جيئن عوام جي مٿان لڳل بقاياجات جو بار هلڪو ٿي سگهي. ان موقعي تي شهرين ابراهيم مگنيجي عبدالستار ڀٽو ۽ ٻين جوچوڻ هو ته اڳ ڪيل کليل ڪچهري ۾ اسان کي جيڪي بل ناهي ڪٽوتي ڪري ڏنا ويا اهي ٻيهر لڳي آيا آهن. جيڪي کٽي کلي ڪچهري ۾ پيش ٿيا آهيون جتي خاطري ڪرائي وئي آهي ته اهو مسئلو حل ٿي ويندو. هنن جوچوڻ هو ته غريبن مزدورن جي گهر جو 48 هزار کان به وڌيڪ بل اماڻيا ويا آهن جيڪا وڏي ناجائزي. اسان مهيني ۾ ڪمايون 10 هزار ته 40 هزار بل ڪٿان ڏئي سگهنداسين. بل پرڻ وارن جي مٿان ڊڊڪشن ۽ واڌو ريڊنگ به لڳائي وڃي ٿي جيڪا ناجائزي آهي اهو سلسلو بند ٿيڻ گهرجي. ان موقعي تي کلي ڪچهري ۾ شريڪ ايس اي سيپڪو عبدالغفار ماڪا جو چوڻ هو ته اسان جي هتي اچڻ جو مقصد آهي ته بجلي جي حوالي سان عوام جا مسئلا ٻڌي انهن کي موقعي تي حل ڪري ڏيون ته جيئن ڪنهن کي به ڪا شڪايت نه رهجي وڃي. عوام کي اپيل آهي ته اهي بجلي چوري کان پاسو ڪن ۽ وڌ کان وڌ ميٽر لڳرائين ته جيئن انهن جي مٿان بجليءَ جي وڌندڙ قيمتن وارو بار هلڪو ٿي سگهي. ايڪسن رورل ظهور احمد قريشي جوچوڻ هو ته اسان پنهنجي طرفان ڀرپور ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته عوام کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪري ڏيون ته جيئن انهن تان رهتن جو بار هلڪو ٿئي ۽ بقاياجات سرڪاري خزاني ۾ جمع ٿين. کلي ڪچهري صبح 10 بجه کان شام 5 بجه تائين جاري رهي جنهن ۾ سوين شهري پنهنجي بجليءَ جي بلن جا مسئلا کڻي پهتا جتي بلن جي درستگي، قسط ۽ ڊڊڪشن بلن جي شڪايت کٽي ايندڙ 100 کان وڌيڪ شهرين کي بجلي بلن جي درستگي ڪري ڏني وئي.

بقايا | سنڌيار | 17

چيو آهي ته راڻيپور جي پيراڻي گادي جي هڪ بااثر شخص جي گهرواري فون ڪري شهيد فاطمه فرڙو قتل ڪيس مان حنا شاهه جو نالو خارج ڪرائڻ جوچيو حنا ساه جو نالو ختم نه ڪرڻ جي صورت ۾ سخت نتيجا ڀوڳڻ جي ڌمڪي ڏني وئي آهي، هن وڌيڪ چيو ته اسان بيوس ۽ لاچار آهيون آسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، اسان ٻيرن جي ڌمڪين ۾ اچي شهيد فاطمه فرڙو جي قتل ڪيس تان هٽ نه ڪنداسين

بقايا | سنڌيار | 18

پيپلز هاري ڪاميٽي ۽ مستحق عورتن پاران ڪامريڊ انور جمالي علي غلام سمون بجابو چانگ فوزيه عمراڻي، فزو ملاح، مريم ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب کان ريلي ڪڍي روينيو عملي خلاف چتي نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته روينيو عملي جي تپيدارن ۽ ڪلرڪن ملي ڀڳت ڪري حيات فائونڊيشن جو امدادي راشن غريب مستحق ماڻهن کي ڏيڻ عيوض پنهنجا نوازي ڪري پنهنجي مٽن مائٽن ۽ من پسند ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي اسان غريبن جو امدادي راشن سرعام بازار ۾ وڪرو ڪيو پيو وڃي هنن الزام هڻندي چيو ته روينيو عملي جي ڪلرڪ محبوب چاوڙو , زاهد جتوئي ۽ تپيدار هزار خان مگسي ملي ڀڳت ڪري اسان غريبن جو راشن پنهنجي رشتيدارن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي روينيو عملي اسان غريبن جي حق تي ڏاڙو هنيو آهي جيڪا سڌي سنئين زيادتي آهي هنن نگران وزيراعلي سنڌ سنڌ هائي ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ ڊي سي سجاول کان مطالبو ڪيو آهي ته اي سي شاهبندر ۽ مختيارڪار شاهبندر سميت روينيو عملي خلاف ڪارروائي ڪري غريب ماڻهن جي حق تي ڏاڙو هڻندڙن کي سزا ڏني وڃي.

بقايا | سنڌيار | 19

مظاهرو ڪيو هن موقعي تي اڳواڻن چيو ته سندن يوسي ۾ گذريل 12 سالن کان اين آر ايس پي جي طرفان امدادي سرگرميون هلي رهيون آهن ان سلسلي ۾ هنن کان رڪشا ٻڪرين ۽ امدادي سامان لاءِ شناختي ڪارڊ وٺي فارمن تي صحيحون ورتيون ويون هنيون پر ڪا به امداد نه ڏني وئي آهي ان سلسلي ۾ هنن اين آر ايس پي بدين جي لاڳاپيل ماڻهن محمد قاسم نهڙيو شريف نهڙيو محمد حنيف نهڙيو ڊاڪٽر شريف نهڙيو سان ڳالهايو ته هنن ڳوناڻن کي گاريون ۽ ڌمڪيون ڏنيون ۽ خاموش رهڻ ۽ ٻي صورت ۾ خراب نتيجا ڀوڳڻ جو چئي رهيا آهن هنن چيو ته چاٽايل ماڻهو اين آر ايس پي بدين جي طرفان آيل سندن امداد هڙپ ڪري ويا آهن هنن ڌمڪين جا وائس ميسج صحافين کي ٻڌائيندي چيو ته احتجاج ڪرڻ تي چاٽايل ماڻهو ڳوناڻن کي مارڻ لاءِ سندن پيڇو ڪري ڌمڪائي امداد تان هٽ ڪٺڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن ڊي سي بدين ۽ اين آر ايس پي جي اعلا اختارن کي اپيل ڪئي ته هو چاٽايل ماڻهن جي خلاف سخت ڪارروائي ڪري کين سندن امداد ۽ انصاف ۽ تحفظ ڏيارين

بقايا | سنڌيار | 20

نوشهروفيروز لنڪ روڊ تي قائم پرائيوٽ نجي ميڊيڪل سينٽر بهرام چلڊرن سينٽر ٻاهران ٽيڪسي ڊائيور وزير ابڙو احتجاج ڪندي چيو ته چار ڏينهن اڳ تازو چاول ٻارڙو ڊاڪٽر الطاف رند جي ميڊيڪل سينٽر تي داخل ڪرايو جتي ڊاڪٽر پاران گهري رقم وٺڻ بعد به غلط علاج ڪري ننڍڙي کي بيحال ڪري ڇڏيو ڊاڪٽر کان معصوم ٻارڙي جي تبعيت پڇڻ تي ڊاڪٽر مچرجي پيو ۽ اسانکي گارگند ڪري 24000 هزار روپيا فيس وٺي ٻارڙو سينٽر مان ٻاهر ڪڍي ڌڪا ڏئي سينٽر مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هنن چيو ته اسانجي ننڍڙي کي ڪجه به ٿيو ته انجو زميوار ڊاڪٽر الطاف رند ۽ سندس انتظاميان تي هوندو هنن هيلٿ جي نگران وزير ڊي ايڇ او نوشهروفيروز ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪندي چيو ته بدمست ڊاڪٽر ۽ سندس انتظاميا خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ سندن خلاف سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 21

سماجي , مذهبي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ قلم ڌڻين شرڪت ڪئي، احتجاجي ڪئمپ تي جيئي سنڌ محاذ، جيئي سنڌ قومي محاذ، قومي عوامي تحريڪ، ايس يو پي، ترقي پسند پارٽي، جماعت اسلامي، جماعت اهل سنت، ميڊيڪل اسٽور ايسوسيئيشن، پ پ شهيد ڀٽو سول سوسائٽي، سنڌ امن ڪميٽي، صحافين ۽ اديبن شرڪت ڪري شڪارپور پوليس تي عدم اعتماد جو اظهار ڪندي ڪيس بدامنيءَ جو زميوار قرار ڏنو ڪيترن ئي متاثرن ڪئمپ تي اچي پاڻ سان ٿيل ڌوهن جي وارداتن جا تفصيل ڏنا ۽ پوليس جي نااهلين ۽ ڌوهارين سان يارين جون شڪايتون ڪيون، ان موقعي اديب ڪالم نگار همير چانڊيو، اديب ممتاز منگي، جسقم اڳواڻ سميع بلالي، جسم اڳواڻ اسدالله سومرو، سماجي اڳواڻ عبدالستار ڪلادي، ڪالم نگار حسام ميمڻ، جماعت اسلامي جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ اصغر پهوڙ، سماجي اڳواڻ نويد عالم ابڙو، زبير سومرو، پ پ شهيد ڀٽو اڳواڻ سعيد سومرو ۽ ٻين چيو ته شڪارپور شهر اندر ڌوهاري راڄ ٿي ويو آهي، روزانو ڏينهن ڏٺي جڳ دڪانن ۽ گهرن مان ڦر، ڌاڙن جي وارداتن ۾ مسلسل اضافو ٿيندو پيو وڃي جنهن تي شهرين ۾ خوف ۽ عدم تحفظ جو احساس وڌي ويو آهي، ٿاڻن تي مقرر پوليس رڳو منٿليون وٺڻ ۽ ٻوتارن ۽ انهن جي پاليل ڌوهارين کي پروٽوڪول ڏيڻ ۾ پوري آهي، بدامني سبب شهر جي زندگي ۽ واپار تي انتهائي برا اثر پيا آهن. انڪري سنڌي ادبي سنگت شهر ۽ ضلعي جي تمام اسٽيڪ هولڊرس سان ملي ڪري جدوجهد جو آغاز ڪيو آهي، جيستائين امن قائم نه ٿيندو تيستائين جدوجهد جاري رهندي، ان دوران احتجاج ڪندڙ شهري امن ڏيو شهرين کي تحفظ ڏيو شڪارپور مان غنڊا راڄ ختم ڪيو جا اپ ڏاريندڙ نعرا پڻ هنيا.

بقايا | سنڌيار | 22

چورين ڦرن ڌاڙن جي وڌندڙ وارداتن ۽ پوليس جي ناڪامين کان پوءِ شهري راتيون جاڳي گذاري رهيا آهن ان هوندي ايس ايس پي بدين جي ڪن تي جون به ڪون ٿي سري ضلع جي هر شهر توڙي ڳوٺ ۾ چرس هيروئن ڪچو شراب آفين پوليس جي سرپرستيءَ ۾ هلي رهيو آهي جنهن جي ڪري نوجوان نسل تباهه ٿي رهيو آهي منشيات جي وڪري جي خلاف احتجاجي مظاهرا ڪندڙ سياسي ڪارڪنن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري کين جيل حوالي ڪيو پيو وڃي هنن نگران وزير اعلي سنڌ آءِ جي سنڌ سيشن جج بدين کان مطالبو ڪيو ته پوليس جي سرپرستي ۾ هلندڙ منشيات بند ڪرائي ٿاڻن تي سني ساک وارن آفيسرن کي مقرر ڪري چورين ڦرن ڌاڙا بند ڪرائي فريادين جي حق رسائي ڪرائي شهرين سياسي سماجي اڳواڻن ڪارڪنن ۾ پکڙيل بي چيني کي ختم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سڄي ضلع تائين احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا | سنڌيار | 23

اڳواڻن. شهرين ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته شهر جي ڀلائي ۽ ٻوڏ توڙي ڪرونا جهڙي وبا دران سماجي ڀلائي طور ڪم ڪندڙ شخصيتن کي ايوارڊ ڏنا ويا مدرسي ۾ پڙهندڙ طالب علمن کي ايوارڊ ڏنا ويا عوامي پريس ڪلب، ڪوٽ غلام محمد پريس ڪلب ۽ نيشنل پريس ڪلب جي صحافين کي پڻ مڃتا ايوارڊ جون شيلڊون ڏنيون ويون پروگرام ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي سابق چيئرمين عابد حسين موجوده پاڪستان پيپلز پارٽي وائيس چيئرمين ميان امجد سعيد شفيق احمد پي ٽي آءِ اڳواڻ علي رضا عادل علي ساند اياز عرف راجو يونس خان جي فرزند عمران يونس خان وڏيرو عبدالمجيد خاصخيلي عنايت علي ٽيهو اعجاز واپڊا چيئرمين نويد صابر گورنمنٽ هاءِ اسڪول هيڊ ماسٽر محمد اسلم، جڏهن ته صحافين ۾ عوامي پريس ڪلب جي صدر عبدالحميد ڪوسو سابق صدر معشوق علي خاصخيلي جنرل سيڪريٽري انور علي پرڳڙي شهباز علي ٻهرجاويد احمد پرڳڙي ڪوٽ غلام محمد پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري غلام رسول جوٽيجو صدر علي غلام ڪوسو خزانچي اڪبر علي راجپوت پريم ساگر صدام حسين خاصخيلي نيشنل پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري الطاف حسين سابق صدر پرتاب مالهي ڪاوش کي ٽي اين رپورٽر تيرٿ مالهي سميت ٻين صحافين شرڪت ڪئي، جڏهن ته ان موقعي تي علماءِ ڪرام مدرسي جي شاگردن سميت سياسي سماجي اڳواڻن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 24

جي لائق ناهي، هن جا آفيسر ۽ ملازم انتهائي رشوت خور ڪرپٽ ۽ بدعنوان آهن. سندن غلط پلاننگ سبب بجلي جي لوڊشيڊنگ وڌندي پئي وڃي ۽ هو ٿڌن ڪمرن ۾ ويهي ڪم ڪن ٿا، بجلي جا اگهه ڳاٽي ٽوڙ حد تائين پهچي چڪا آهن. هنن چيو ته سکر ۽ سموري سنڌ جي واپاري برادري ان خلاف سراپا احتجاج آهي، موجودا نگران سرڪار بجلي جي بلن ۾ ريليف فراهم ڪرڻ وارو واعدا ترت نڀائي نه ته دمادم مست قلندر ٿيندو. هنن وڌيڪ چيو ته بجلي جا بل ماڻهن کي خودڪشين ۽ فاقا ڪشين تي مجبور ڪن پيا. عام ماڻهو ۽ مزدور طبقو وڏي ويل مهانگائيءَ ۾ پيٽ ڀرڻ لاءِ پريشان آهي هو ڪٿان ڳرا بل ادا ڪندو ان موقعي تي زور دار نعري بازي ڪئي وئي، بعد ۾ مظاهرين هڪ ريلي ڪڍي جيڪا سيپڪو روينيو آفيس سکر تي ختم ٿي.

بقايا | سنڌيار | 25

ڀٽو، آصف ڀٽو وارن اسان جو لنگهه بند ڪري ڇڏيو آهي ڪيترن سالن کان پراڻو لنگهه آهي اسان جا ابا ڏاڏا به اتان ئي لنگهندا رهيا آهن پر هي وڏيرا هاڻي ان سرڪاري لنگهه تان اچڻ وڃڻ نه ٿا ڏين جيڪا وڏي زيادتي آهي هنن چيو ته اسان غريب ۽ بيپهچ ماڻهو آهيون اسان گذريل ڏينهن انهيءَ گهٽي ۾ گيٽ لڳائي آهي ته وڏيرن اسان جي گهرن تي رات جو هڪ وڳهي پوليس جو چار موبائلن سان چڙهائي ڪرائي عورتن ۽ ٻارن تي تشدد ڪرايو ۽ گهر ۾ ڀڃ ڊاهه ڪرائي آهي ۽ گيٽ به ڪٽائي وئي آهي جڏهن ته نوشهروفيروز پوليس وڏيرن جي ڪمداري ڪندي گهر مان ڦرلٽ پڻ ڪئي آهي ۽ ڳري رشوت وٺي اسان تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو آهي جيڪو وڏو ظلم آهي هنن ايس ايس پي نوشهروفيروز سميت ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته معامري جي شفاف جاچ ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا | سنڌيار | 26

ٻيا پڻ موجود هئا، ٽائون چيئرمين نظير ڀٽو ۽ ٻين پاران ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ دعا گهري وئي، ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ٽائون چيئرمين نظير ڀٽو چيو ته سنڌ صوفين ۽ درويشن جي ڌرتي آهي جتي اڄ به پيار محبت ۽ امن جو درس ملي ٿو اسان کي اولياءَ الله جي ڏنل پيغام امن. محبت ۽ ڀائيچاري تي عمل ڪندي زندگي گذارڻ گهرجي، هن چيو ته درگاه حسن شاه تي ايندڙ زائرين جي سهولت، روڊ پاڻي سنيت ٻيون سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪنداسين.

بقايا | سنڌيار | 27

ته گذريل ڏينهن ٽئون ڪوٽ امام بارگاه لڳ چڪڙن جي مستري گلجي ميگهواڙ جي CD70 موٽرسائيڪل جو به ڪو به ٽئون ڪوٽ ٿاڻي تي آيل SHO ممتاز ٽيبو جي مقرري دوران 5 کان مٿي موٽرسائيڪلون ڌڙن کان مٿي ٻڪريون چيلا توڙي ڪرن ۽ ٻيل مرچ ۽ زمين ۾ ٻيلو ڦٽيون چوري ٿيڻ روز جو معمول بڻيل آهن شام ٿيندي ئي ٽئون ڪوٽ ٿاڻي جا اهلڪار مختلف رستن تي سنيپ چيڪنگ دوران عام ابوه عوام جي کيسي مان پڙي نڪرڻ تي چالان ڪرڻ جي ڌمڪي ڏئي پنهنجي وصولي ڪندا آهن بدامني ۽ اسٽريٽ ڪرائم عروج تي آهي.

بقايا | سنڌيار | 28

پل پرسان مبينا موٽر سائيڪل ڦر ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا. نورالدين ابڙو کان تنيا برادري جي ماڻهن موٽر سائيڪل ڦر ڪري مٿان سخت تشدد ڪري بيهوش ڪيو آهي پوليس ڦورن کي گرفتار نه پئي ڪري : احتجاج ڪندڙ ابڙا برادري تنيا ۽ ابڙا برادري وچ ۾ پئسن جي ڏيتي ليتي تان مسئلو آهي، تنيا برادري موٽرسائيڪل ٿاڻي تي ٻيهاريو آهي ته نورالدين ابڙو وارن ڏي پئسا آهن جيڪي نه ٿا ڏين. وري به اين سي داخل ڪئي آهي، ۽ ملوث ماڻهو کي گرفتار ڪنداسين: ايس ايڇ او نادر پنگر تفصيل موجب : ميروخان لڳ ميروخان سجاول جوٽيجو روڊ پرسان سٽ پل وٽان 2 ڏينهن اڳ نورالدين ابڙو کان ٽن جوابدارن طرفان مبينا موٽرسائيڪل ڦر ڪري ويا آهن ميروخان پوليس طرفان مبينا موٽر سائيڪل ڦر ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف ابڙا برادري طرفان عوامي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪندي احتجاج ڪيو ويو احتجاج سبب مختلف شهرن ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽرئفڪ معطل ٿي وئي ۽ گاڏين جون قطارون لڳي وڃڻ ڪري مسافرن کي سخت تڪليفون درپيش اچي ويون ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ مير محمد ابڙو محمد ابراهيم ابڙو، شعبان علي، غلام مصطفيٰ ابڙو ۽ ٻين ٻڌايو ته 2 ڏينهن اڳ ميروخان سجاول جوٽيجو روڊ لڳ سٽ پل پرسان تنيا برادري جي عبدالمجيد تنيو ۽ ان جو والد علي احمد تنيو ۽ هڪ اڻ سڃاتل ماڻهو نورالدين ابڙو کي چيو ته زمين ۾ پاڻي ڏي جنهن بعد هو پاڻيپ ڪٽڻ ويو ٿوري دير ڪرڻ تي علي احمد تنيو پنهنجي پٽ عبدالمجيد ۽ هڪ نامعلوم ماڻهو کي چيو ته هن کي ماريو ۽ موٽرسائيڪل ڦريو جن نورالدين مٿان تشدد ڪري هن کي سخت زخمي ڪيو ۽ موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا. اسان هنن ٽنهي خلاف ميروخان ٿاڻي تي اين سي به داخل ڪئي پر ميروخان پوليس ڪنهن کي به گرفتار نه ڪيو ويتر هنن ملوث جوابدارن کي پاڻ سان گڏ گهمائي رهي آهي، احتجاج ڪندڙن وس وارن کي اپيل ڪندي چيو آهي ته انصاف ڪيو وڃي ٻئي پاسي رابطو ڪرڻ تي ايس ايڇ او نادر پنگر ٻڌايو ته تنيا ۽ ابڙا برادري وچ ۾ پئسن جي ڏيتي ليتي تان مسئلو آهي ۽ تنيا برادري جا ماڻهو موٽرسائيڪل ٿاڻي تي ٻيهاري ويا ته اسان جا پئسا ابڙا برادري ڏانهن رهيل آهن. جڏهن ته اسان زخمي کي ميڊيڪل لاءِ ليٽر به ڏنو آهي ۽ اين سي به داخل ڪئي آهي ۽ تمام جلد جوابدارن کي گرفتار به ڪنداسين.

بقايا | سنڌيار | 29

،احتجاج سنڌ يوٿ ايڪشن ڪميٽي طرفان شهيد صحافي جان محمد مهر فاطمه فرڙو جي مرڪزي قاتلن کي گرفتار ۽ پريا ڪماري کي بازياب ڪرائڻ لاءِ احتجاج ڪيو ۽ ڌرڻي دوران سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي ڌرڻي جي اڳواڻي سنڌو نواز گهانگهرو، پنهل ساريو نصيرالله ڪلادي، ماجد علي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا، احتجاج دوران اڳواڻن چيو ته فاطمه فرڙو کي زيادتي بعد قتل ڪيو ويو جنهن جي مرڪزي جوابدار حنا شاه گرفتار نه ٿي سگهي آهي، صحافي جان محمد مهر کي قتل ڪيو ويو پر ان جا مرڪزي جوابدار ۽ سهولتڪار گرفتار ناهن ڪيا ويا سنگرار جي معصوم نياڻي پريا ڪماري کي اغوا ٿيندي ٻه سال گذري ويا آهن پر ان کي به پوليس بازياب ناهي ڪرائي سگهي، سنڌ جا حڪمران بدامني، قتل و غارت ۾ ملوث آهن مظاهرو ڪندڙن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي صحافي جان محمد مهر ۽ فاطمه فرڙو جي اصل قاتلن گرفتار ڪيو وڃي، ۽ پريا ڪماري کي بازياب ڪرايو وڃي، ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 30

مسافر پريشان. حڪومت جي ٻٽي معيار ۽ غلط پاليسين تحت ملڪ جي اشرافيه لاءِ بجلي مفت ۽ غريب عوام کان هزارين روپيا بل وصول ڪرڻ نا انصافي آهي : تاجر اڳواڻ محمد عظيم قريشي تفصيل موجب : بجلي جي بلن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ ۽ ڳرن ٽيڪسز وصول ڪرڻ خلاف ميروخان ۾ تاجر برادري جي سڏ تي شهر جي مين چوڪ عرضي ڀٽو وٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ دڪاندار ايسوسيئيشن جي اڳواڻن , سماجي ورڪرن ۽ ساجاه وندن سميت شهرين جي ڀرپور شرڪت احتجاج دوران بجلي جي واڌو بلن خلاف سخت نعريبازي ڪندي تاجر برادري طرفان بجلي جي بلن کي باهه ڏيئي ساڙيو ويو تاجر برادري جي احتجاج سبب مختلف شهرن ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽرئفڪ معطل ٿي وئي جنهن ڪري گاڏين جون قطارون لڳي ويون جنهن ڪري مسافرن کي ڪيترين ئي تڪليفون درپيش اچي ويون ان موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ محمد عظيم قريشي خالد حسين ڀٽي ناهيد حسين جتوئي عبدالخالق تنيو جاويد ڀٽي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته نگران حڪومت طرفان بجلي جي بلن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ ۽ ڳريون ٽيڪسز لڳائي غريب عوام کان جيئڻ جو حق کسي ورتو آهي حڪومت جي ٻٽي معيار ۽ ناقص پاليسي سبب لکين روپين جي پگهار کڻندڙ آفيسر شاهي لاءِ بجلي مفت جڏهن ته 7 سئو روپيا ڪمائي پنهنجي گهر جو وهوار هلائيندڙ پورهيت طبقي کان بجلي جا هزارين روپين جا بجلي بل وصول ڪرڻ ناانصافي آهي اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته بجلي بلن ۾ ٽي وي استعمال ڪرڻ جي ٽيڪسز مسجدن کان به وصول ڪئي وڃي ٿي جا مسجدن ۾ ٽي وي استعمال ٿيندي آهي احتجاج ڪندڙن نگران حڪومت کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته بنا در بجلي جي بلن ذريعي وصول ٿيندڙ ٽيڪسز کي ختم ڪري عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪنداسين

بقايا | سنڌيار | 31

پارڪ کان احتجاجي مظاهرو ڪري جوهي ناڪي اڳيان ننهڻ اس تي ڌرڻو هنيو ان موقعي تي آبادگار اڳواڻن پنهنجي گڏيل خطاب ۾ الزام هڻندي چيو ته نااهل چور حڪمرانن ۽ ايري گيشن جي ڪرپٽ SDO انجنيئر ۽ منڊ جي با اثر ڪاتيدار پاڻي چور ۽ انهن جي سهولتڪارن ڪاري موري ڪان پاڻي آبادي ۽ مال جي پيئڻ لاءِ سياسي افتتاح ڪري منڊ ڪان گيٽ بند ڪري ڇڏيا آهن جنهن سبب جوهي بئراج تي لکين ايڪڙ غير آباد آهن هنن چيو ته ڏکڻ جوهي ۾ سالن کان زرعي پاڻي بند هئڻ ڪري ڪاري ڏڪار واري صورتحال آهي آبادي اسان لاءِ خواب بڻجي ويو آهي هنن چيو ته سالن کان جوهي تعلقي جي زرعي پاڻي تي ڌاڙا لڳي رهيا آهن مگر هر دور جا حڪمران انڌن ٻوڙن گونگن جيان خاموش آهن هنن چيو ته زرعي پاڻي زندگي ۽ جياپو آهي جوهي تعلقو معاشي طور تي مڪمل تباه آهي ڪافي آبادگار خاندان آبادي نه ٿيڻ ڪري پنهنجا اباڻا گهر ڇڏي لڏ پلاڻ ڪري ويا آهن. هنن چيو ته گذريل مهيني 25 جون تي ايري گيشن جو سيڪريٽري ظريف کهڙو ڪاري موري تي پهتو جتي هن چيو ڪاري موري ايمرجنسي ۾ تعمير ڪرائي پمپنگ اسڪيم وسيلي جوهي جي پڇڙي تائين آبادي ٿيندي مگر اسڪيم جي هٿ سان بجلي بند ڪرائي سيڪريٽري به ڪروڙ رپيا منڊ جي پاڻي چورن با اثر ڪاتيدارن کان وٺي جوهي دادو آفيسن کي تالا لڳائي غائب ٿي ويا آهن هنن چيو ته چونڊيل نمائندا پاڻي چورن جا سهولتڪار هئڻ ڪري جوهي جي پڇڙي جا هزارين ڪاتيدار آبادي نه ٿيو هاڻ انسانن سان گڏ جانور پکي به اڄ مري رهيا آهن آخر ۾ هنن آبادگارن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس , نگران وزير اعلي سنڌ ۽ ٻين واسطيدار عملدارن کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته ڪاري موري کي قانوني زرعي پاڻي جي ورهاست موجب جوهي بئراج ۾ جوڙ ڪرائي پڇڙي تائين زرعي پاڻي فراهم ڪيو وڃي ته جيئن وقت سر آبادي ڪري سگهجي ,

بقايا | سنڌيار | 32

ٿي گذريو اجلاس جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت پاڪ سان ڪئي وئي، اجلاس ۾ وائس چيئرمين سميت سيني ميمبرن شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ يوسي جي مختلف مسئلن تي غور ويچار ڪرڻ بعد مڇرمار اسپري ڪرائڻ جو بل پاس ڪيو ويو ، ان موقعي تي چيئرمين عبدالرحمان پنهور، وائس چيئرمين اظهر برهماڻي، ميمبر غلام حسين پنهور، عاشق حسين پنهور ، حافظ نديم پنهور ، منثار علي ڪوڪر، محمد بخش پنهور ، نظير پنهور، نديم پنهور ۽ عورت ڪائونسلر مومنت خاتون چيو ته يوسي الهه آباد ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ پوري ڪرڻ سميت يوسي جي مڙني مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ڪوششون ورتيون وينديون . يوسي ۾ في الوقت هنگامي بنيادن تي مڇرن جي آزار سبب مليريا سميت ٻين مختلف بيمارين وڌڻ جو خدشو آهي جنهن سبب سياڻي (اڄ) کان مڇرمار اسپري ڪرايو ويندو يوسي ۾ رستا هموار ڪرڻ سميت برساتي پاڻي جي نيڪال جي حل لاءِ ضلعا ڪائونسل کي اپيلون ڪنداسين ڪوشش هوندي ته يوسي ۾ زميني ورڪ شروع ڪري سگهون ۽ يوسي جي ڳوٺن جي پڻ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ڪوششون جاري رهنديون.

بقايا | سنڌيار | 33

جي ميمبر سردار شاهنواز جمالي جي رهائش گاهه تي ٿيو جنهن ۾ آبادگار ۽ سينئر صحافي سيد خدا ڏنو شاه، شاهنواز جمالي سيد ظفر علي شاه ڪامريڊ الهڏنو چانڊيو فدا حسين ميمڻ عطا حسين جمالي امتياز خواجا ۽ سردار غلام رسول جمالي سميت سڄي ضلع مان آبادگارن شرڪت ڪئي هن موقعي تي بدين ضلع ۾ ڀاڻ جي واپارين جي طرفان يوريا ڀاڻ سرڪاري اگهه 35 سئو روپيا ٻوري وڪرو ڪرڻ جي بدران 45 سئو روپيا ٻوري وڪرو ڪرڻ تي سخت احتجاج ڪندي چيو ويو ته آبادگارن کان في ٻوري تي هڪ هزار روپيا اضافي وصول ڪيا پيا وڃن ڊي سي طرفان واپارين خلاف نوٽيس وٺڻ سان ڪوفرق نه پيو آهي هن وقت به ساڳئي بليڪ مارڪيٽنگ زور شور سان هلي رهي آهي اڳواڻن چيو ته بدين ضلع ۾ ڀاڻ جي ڪمپنين ۽ واپارين جي ملي ڀڳت سان في ٻوري تي هڪ هزار روپيا بليڪ مارڪيٽنگ ڪري آبادگارن کي ڦريو پيو وڃي هڪ سئو ٻوريون خريد ڪندڙ آبادگار کان هڪ لک روپيا اضافي وصول ڪيا پيا وڃن قانون نالي جي ڪا شئي نظر نٿي اچي انتظاميا جي اڳيان ڌانهون ڪرڻ جي باوجود واپاري ڀاڻ سرڪاري اگهه تي ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن جنهن جي ڪري غريب آبادگار سخت پريشان آهن هنن چيو ته ڊي سي بدين 6 ڏينهن اڳ واپارين ۽ ڀاڻ ڪمپنين سان گڏجاڻي ڪئي ۽ کين سرڪاري اگهه تي ڀاڻ ڏيڻ لاءِ چيو پر 6 ڏينهن گذرڻ باوجود ڀاڻ ڊيلرن ڊي سي جي حڪم کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي جنهن جي ڪري آبادگار 30 آگسٽ اربع ڏينهن سياڻي بدين ۾ ڀاڻ ڪمپنين ۽ ڀاڻ جي واپارين جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي سخت احتجاج ڪندا جيڪو احتجاج مطالبن جي مڃتا تائين جاري رهندو. جمالي هائوس بدين تي ڀاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ خلاف سڏايل اجلاس ۾ ضلعي ۾ ڀاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ ۽ ڀاڻ غائب ڪرڻ خلاف اربعا 30هين آگسٽ تي ڪراچي ٽرڪول تي ڌرڻي هڻڻ جو اعلان ڪيو ويو اجلاس دوران روزاني سنڌ ۾ ڀاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ جي شائع ٿيندڙ خبر ۽ سوشل ميڊيا تي ڌرڻي جي هليل خبرن جو ڊي سي بدين آغا شاهنواز پاران نوٽيس ورتو. ڊي سي بدين طبيعت جي ناسازي سبب ڪراچي هجڻ جي ڪري اي ڊي سي ون مجيب الرحمان جمالي معرفت آبادگارن سان رابطا ڪري ڳالهين لاءِ ڊي سي آفيس سڏايو جتي آبادگار ايڪشن ڪاميٽي جي اڳواڻن وچي اي ڊي سي ون سان ڳالهيون ڪيون، ڊي سي آفيس ۾ زراعت کاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر سميت سمورن آفيسرن,اي سي بدين ۽ ڀاڻ ڪمپنين سونا ۽ اينگرو جي نمائندن کي سڏايو جتي آبادگار ايڪشن ڪاميٽي جي نمائندن سان چئين ڪلاڪن تائين ڳالهيون ڪيون، آبادگارن جي نمائندن موقف رکيو ته ڀاڻ جا ڊيلر ڪمپنين وارا توڙي ايگريڪلچر وارا مليل آهي ۽ ضلعي توڙي تعلقي انتظاميا به آبادگارن جي ڪا مدد نٿي ڪري جنهن ڪري سيٺين ڀاڻ مارڪيٽ مان غائب ڪري بليڪ مارڪيٽنگ شروع ڪري ڇڏي آهي , اڳواڻن چيو ته جا به هجي ڪهڙا به ٻهانا ڪريو اسان کي ڀاڻ فراهم ڪريو جنهن تي اي ڊي سي ون ڀاڻ ڪمپنين جي نمائندن کان بريفنگ ورتي جنهن تي اينگرو جي نمائندي ٻڌايو ته 22 آگسٽ کان 28 آگسٽ تائين ڪمپني بدين ضلعي ۾ 24 هزار ٻوريون ڏنيون آهن ۽ سونا واري ٻڌايو ته سندن ڪمپني 16 هزار ٻوريون فراهم ڪيون آهن, جنهن تي اي ڊي سي ون سمورن تعلقن جي انتظاميه کي پابند ڪيو ته ڪمپنين کان ڊيلرن کي ڏنل ڀاڻ جي لسٽ وٺي سيٺين کان آبادگارن کي ڀاڻ ڪنٽرول ريٽ تي فراهم ڪرائڻ جو پابند ڪيو ۽ سيٺين وٽ ان کان اڳ جمع ڪيل ڀاڻ به آبادگارن کي ڪنٽرول ريٽ تي ڏياريو وڃي ۽ جيڪو ڊيلر يا سيٺ ڀاڻ نه ڏي ته ان جو دڪان سيل ڪري ان سيٺ مٿان ڪيس داخل ڪرايو وڃي ٻي پاسي اي ڊي سي ون ايڪشن ڪاميٽي کي گذارش ڪئي ته احتجاجي ڌرڻن ملتوي ڪريو جنهن تي آبادگارن چيو ته اسان سياڻي (اڄ) تائين توهان جي ڪارروائين کي ڏسندي فيصلو ڪنداسين اسان ڪارروائين مان مطمئن ٿياسين ته احتجاج ملتوي ڪنداسين ٻي صورت ۾ 30 آگسٽ تي ڌرڻو هر صورت ۾ لڳندو، ڳالهين ۾ آباد گارن جا نمائندا شاهنواز جمالي خداڏنوشاه سردار غلام رسول جمالي، سيد ظفرشاه، بابر جمالي ۽ ٻيا شريڪ هئا

بقايا | سنڌيار | 34

شڪايتن جو سختي سان نوٽيس وٺندي ايس ايڇ او نوان جتوئي نصرالله جاتوري کي حڪم ڏنو ته اسڪول جي ٽائيم تي ڪجهه اوباش نوجوان اسڪول جي نياڻين کي تنگ ڪن ٿا انهن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ايس ايڇ او نوان جتوئي نصرالله جاتوري درس روڊ مورو گرليس ڪاليج سامهون پوليس جي جوانن سان ڪري اسڪول جي موڪل ٽائيم تي ڪجهه اوباش نوجوانن کي گرفتار ڪري ورتو

بقايا | سنڌيار | 35

انهن جي تحفظ ۾ رڌل رهيون آهن. اهڙو اظهار سماج سڌارڪ ضيا پٽي سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر جي هفتيواري دستوري گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو. ان موقعي تي برک نقاد سجل پٽي دلبر پٽي اسد اعوان مجيد نواز مغل ۽ عبدالرحمان گڏاڻيءَ برک ڪهاڻيڪار پروفيسر منظور بيدار جي لکيل ڪهاڻي تي تنقيدي رايا ڏيندي چيو ته پروفيسر منظور بيدار سنڌي ٻوليءَ جو مڃيل ڪهاڻيڪار آهي. سندس هر ڪهاڻي ۾ واضح سبق ملي ٿو ۽ هو نج سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ڪري عام فهم انداز ۾ پنهنجو مثبت موقف بيان ڪري ٿو. سندس اڄوڪي ڪهاڻي حويلين جا پول پڌرا ڪري پئي، هن ڪهاڻي ذريعي واضح طور ترقي پسنداڻي سوچ جو اظهار ڪندي هڪ شفاف ۽ انسانيت ڀري معاشري جي قيام جو آڌيو ڏنو آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌي اديب پنهنجن فرضن کان غافل ناهي هو سنڌي عوام جي مسئلن کان پاڻ کي لاتعلق نٿو سمجهي، گڏجاڻيءَ ۾ ٺهراءِ پاس ڪري معصوم نينگري فاطما سان جنسي زيادتي بعد ڪيس قتل ڪرڻ ۽ برک صحافي جان محمد مهر جي قتل تي ڏک ظاهر ڪري وارثن سان تعزيت ڪئي وئي، سکر جي قديمي سنڌي ميڊيم اسڪول گورنمينٽ هاءِ اسڪول ون کي واپس سنڌي ميڊيم ڪرڻ واري حڪم نامي تي اسڪول جي هيڊ ماسٽر پاران عمل نه ڪرڻ جي مذمت ڪئي وئي، سڌر جي غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج کي ميڊيڪل يونيورسٽي جو درجو ڏيڻ ۽ تازو ڪنب ۾ 8 سالن جي نينگري زهرا سيال سان جنسي زيادتي جي مذمت ڪندي واقعي جي شفاف جاچ ڪرائڻ جي گهر ڪئي وئي. انهن جي تحفظ ۾ رڌل رهيون آهن. اهڙو اظهار سماج سڌارڪ ضيا پٽي سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر جي هفتيواري دستوري گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو. ان موقعي تي برک نقاد سجل پٽي دلبر پٽي اسد اعوان مجيد نواز مغل ۽ عبدالرحمان گڏاڻيءَ برک ڪهاڻيڪار پروفيسر منظور بيدار جي لکيل ڪهاڻي تي تنقيدي رايا ڏيندي چيو ته پروفيسر منظور بيدار سنڌي ٻوليءَ جو مڃيل ڪهاڻيڪار آهي. سندس هر ڪهاڻي ۾ واضح سبق ملي ٿو ۽ هو نج سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ڪري عام فهم انداز ۾ پنهنجو مثبت موقف بيان ڪري ٿو. سندس اڄوڪي ڪهاڻي حويلين جا پول پڌرا ڪري پئي، هن ڪهاڻي ذريعي واضح طور ترقي پسنداڻي سوچ جو اظهار ڪندي هڪ شفاف ۽ انسانيت ڀري معاشري جي قيام جو آڌيو ڏنو آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌي اديب پنهنجن فرضن کان غافل ناهي هو سنڌي عوام جي مسئلن کان پاڻ کي لاتعلق نٿو سمجهي، گڏجاڻيءَ ۾ ٺهراءِ پاس ڪري معصوم نينگري فاطما سان جنسي زيادتي بعد ڪيس قتل ڪرڻ ۽ برک صحافي جان محمد مهر جي قتل تي ڏک ظاهر ڪري وارثن سان تعزيت ڪئي وئي، سکر جي قديمي سنڌي ميڊيم اسڪول گورنمينٽ هاءِ اسڪول ون کي واپس سنڌي ميڊيم ڪرڻ واري حڪم نامي تي اسڪول جي هيڊ ماسٽر پاران عمل نه ڪرڻ جي مذمت ڪئي وئي، سڌر جي غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج کي ميڊيڪل يونيورسٽي جو درجو ڏيڻ ۽ تازو ڪنب ۾ 8 سالن جي نينگري زهرا سيال سان جنسي زيادتي جي مذمت ڪندي واقعي جي شفاف جاچ ڪرائڻ جي گهر ڪئي وئي.

بقايا | سنڌيار | 36

مسافر پريشان. حڪومت جي ٻٽي معيار ۽ غلط پاليسين تحت ملڪ جي اشرافيه لاءِ بجلي مفت ۽ غريب عوام کان هزارين روپيا بل وصول ڪرڻ نا انصافي آهي : تاجر اڳواڻ محمد عظيم قريشي تفصيل موجب : بجلي جي بلن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ ۽ ڳرن ٽيڪسز وصول ڪرڻ خلاف ميروخان ۾ تاجر برادري جي سڏ تي شهر جي مين چوڪ عرضي ڀٽو وٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ دڪاندار ايسوسيئيشن جي اڳواڻن , سماجي ورڪرن ۽ ساجاه وندن سميت شهرين جي ڀرپور شرڪت احتجاج دوران بجلي جي واڌو بلن خلاف سخت نعريبازي ڪندي تاجر برادري طرفان بجلي جي بلن کي باهه ڏيئي ساڙيو ويو تاجر برادري جي احتجاج سبب مختلف شهرن ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽرئفڪ معطل ٿي وئي جنهن ڪري گاڏين جون قطارون لڳي ويون جنهن ڪري مسافرن کي ڪيترين ئي تڪليفون درپيش اچي ويون ان موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ محمد عظيم قريشي خالد حسين ڀٽي ناهيد حسين جتوئي عبدالخالق تنيو جاويد ڀٽي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته نگران حڪومت طرفان بجلي جي بلن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ ۽ ڳريون ٽيڪسز لڳائي غريب عوام کان جيئڻ جو حق کسي ورتو آهي حڪومت جي ٻٽي معيار ۽ ناقص پاليسي سبب لکين روپين جي پگهار کڻندڙ آفيسر شاهي لاءِ بجلي مفت جڏهن ته 7 سئو روپيا ڪمائي پنهنجي گهر جو وهوار هلائيندڙ پورهيت طبقي کان بجلي جا هزارين روپين جا بجلي بل وصول ڪرڻ ناانصافي آهي اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته بجلي بلن ۾ ٽي وي استعمال ڪرڻ جي ٽيڪسز مسجدن کان به وصول ڪئي وڃي ٿي جا مسجدن ۾ ٽي وي استعمال ٿيندي آهي احتجاج ڪندڙن نگران حڪومت کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته بنا در بجلي جي بلن ذريعي وصول ٿيندڙ ٽيڪسز کي ختم ڪري عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪنداسين مسافر پريشان، حڪومت جي ٻٽي معيار ۽ غلط پاليسين تحت ملڪ جي اشرافيه لاءِ بجلي مفت ۽ غريب عوام کان هزارين روپيا بل وصول ڪرڻ نا انصافي آهي : تاجر اڳواڻ محمد عظيم قريشي تفصيل موجب : بجلي جي بلن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ ۽ ڳرن ٽيڪسز وصول ڪرڻ خلاف ميروخان ۾ تاجر برادري جي سڏ تي شهر جي مين چوڪ عرضي ڀٽو وٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ دڪاندار ايسوسيئيشن جي اڳواڻن , سماجي ورڪرن ۽ ساجاه وندن سميت شهرين جي ڀرپور شرڪت احتجاج دوران بجلي جي واڌو بلن خلاف سخت نعريبازي ڪندي تاجر برادري طرفان بجلي جي بلن کي باهه ڏيئي ساڙيو ويو تاجر برادري جي احتجاج سبب مختلف شهرن ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽرئفڪ معطل ٿي وئي جنهن ڪري گاڏين جون قطارون لڳي ويون جنهن ڪري مسافرن کي ڪيترين ئي تڪليفون درپيش اچي ويون ان موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ محمد عظيم قريشي خالد حسين ڀٽي ناهيد حسين جتوئي عبدالخالق تنيو جاويد ڀٽي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته نگران حڪومت طرفان بجلي جي بلن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ ۽ ڳريون ٽيڪسز لڳائي غريب عوام کان جيئڻ جو حق کسي ورتو آهي حڪومت جي ٻٽي معيار ۽ ناقص پاليسي سبب لکين روپين جي پگهار کڻندڙ آفيسر شاهي لاءِ بجلي مفت جڏهن ته 7 سئو روپيا ڪمائي پنهنجي گهر جو وهوار هلائيندڙ پورهيت طبقي کان بجلي جا هزارين روپين جا بجلي بل وصول ڪرڻ ناانصافي آهي اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته بجلي بلن ۾ ٽي وي استعمال ڪرڻ جي ٽيڪسز مسجدن کان به وصول ڪئي وڃي ٿي جا مسجدن ۾ ٽي وي استعمال ٿيندي آهي احتجاج ڪندڙن نگران حڪومت کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته بنا در بجلي جي بلن ذريعي وصول ٿيندڙ ٽيڪسز کي ختم ڪري عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪنداسين مسافر پريشان، حڪومت جي ٻٽي معيار ۽ غلط پاليسين تحت ملڪ جي اشرافيه لاءِ بجلي مفت ۽ غريب عوام کان هزارين روپيا بل وصول ڪرڻ نا انصافي آهي : تاجر اڳواڻ محمد عظيم قريشي تفصيل موجب : بجلي جي بلن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ ۽ ڳرن ٽيڪسز وصول ڪرڻ خلاف ميروخان ۾ تاجر برادري جي سڏ تي شهر جي مين چوڪ عرضي ڀٽو وٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ دڪاندار ايسوسيئيشن جي اڳواڻن , سماجي ورڪرن ۽ ساجاه وندن سميت شهرين جي ڀرپور شرڪت احتجاج دوران بجلي جي واڌو بلن خلاف سخت نعريبازآهي حڪومت جي ٻٽي معيار ۽ ناقص پاليسي سبب لکين روپين جي پگهار کڻندڙ آفيسر شاهي لاءِ بجلي مفت جڏهن ته 7 سئو روپيا ڪمائي پنهنجي گهر جو وهوار هلائيندڙ پورهيت طبقي کان بجلي جا هزارين روپين جا بجلي بل وصول ڪرڻ ناانصافي آهي اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته بجلي بلن ۾ ٽي وي استعمال ڪرڻ جي ٽيڪسز مسجدن کان به وصول ڪئي وڃي ٿي جا مسجدن ۾ ٽي وي استعمال ٿيندي آهي احتجاج ڪندڙن نگران حڪومت کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته بنا در بجلي جي بلن ذريعي وصول ٿيندڙ ٽيڪسز کي ختم ڪري عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪنداسين

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار
ايڊيٽر اعجاز مهر
Reg No 2677
ABC Certified
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi www.dailysindhyar.com
NTN 4129440-8

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي ڀي سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com